روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 16 اپريل 2023 ع بمطابق 25 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 323

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين قوم ۽ حڪومت کي گڏيل حڪمت عملي تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي: ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس

آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ جي ايچ ڪيو راولپنڊي ۾ 257هين ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

ڪورڪمانڊر ڪانفرنس ۾ ۾ پاڪستان کي پيش ايندڙ ٻاهرين ۽ اندروني سلامتي جي چيلنجز سميت ملڪي ۽ علائقائي صورتحال جو جائزو ورتو ويو

چيلنجز جي مڪمل طور تي خبر آهي ۽ هو پاڪستان جي عوام جي حمايت سان گڏ پنهنجون آئيني ذميواريون نڀائڻ جو ارادو رکي ٿي: عسڪري قيادت

ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ اندروني ۽ بيروني خطرن خلاف قومي رد عمل جي مڪمل حمايت جي لاءِ هٿياربند فوج جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

سيڪيورٽي فورسز مغربي سرحد وارن علائقن ۾ انٽيليجنس جي بنياد تي ڪارروايون ڪري رهي آهي : آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير

دهشتگردي جي لعنت کي مستقل بنيادن تي ختم ڪرڻ جي لاءِ سموري قوم ۽ حڪومت کي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي

راولپنڊي (م ڊ) ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ چيو ويو آهي ته فوجي قيادت عوامي حمايت سان آئيني ذميواريون نڀائڻ جا ارادا رکي ٿي. آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ جي ايچ ڪيو راولپنڊي ۾ 257هين ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پاڪستان کي پيش ايندڙ ٻاهرين ۽ اندروني سلامتي جي چيلنجز سميت ملڪي ۽ علائقائي صورتحال جو جائزو ورتو ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس جي صدارت ڪري رهيو آهي

فلور ملز ايسوسيئيشن ڪراچي ۾ ڪڻڪ جي داخلا تي پابندي خلاف هڙتال جو چتاءُ

ڪراچي (م ڊ) فلور ملز ايسوسيئيشن ڪراچي ۾ ڪڻڪ جي داخلا تي پابندي خلاف هڙتال جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو.فلور ملز ايسوسيئيشن سنڌ جي چيئرمين چيو آهي ته ڪراچي جي عوام کي اٽو نه مليو ته شهر ۾ حالتون خراب ٿي سگهن ٿيون.جنهن جو ذميوار خوراڪ کاتو هوندو. حڪومت نوٽيس نه ورتو ته ڪراچي جون سموريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سمورين شرطن پورين ڪري ڇڏيون آهن، هاڻ آءِ ايم ايف وٽ معاهدو نه ڪرڻ جو ڪو به بهانو نه آهي: وزيراعظم

آءِ ايم ايف جو هڪ ٽئل قسط معاهدو حڪومت جي جهولي ۾ وڌو ويو هو، جنهن جي لاءِ اڄ تائين لاٽون ڪيون پيون وڃن : شهباز شريف

اسان جي ڪا به چوندي نه آهي ان لاءِ آءِ ايم ايف جون شرطون مڃيون پئجي رهيون آهن ، ايم جي شرطن ۾ آخري شرط دوست ملڪن کان ڪجهه ارب ڊالر آڻڻ هئي

چين 2 مهينا اڳ اندازو لڳائي ورتو هو ته پاڪستان کي ڏکيائين ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي جنهن سبب چين اسان جو 2 ارب ڊالر قرض پوئتي ڪري ڇڏيو

دوست ملڪن کان قرض جي شرط پوري ڪرڻ لاءِ پرڏيهي وزير ۽ ناڻي واري وزير سان گڏ آرمي چيف به اهم ڪردار ادا ڪيو

2018 ع ۾ جهنڊو ٻوهارو لڪايو ويو، ماڻهن ن ليگ کي ووٽ ڏيڻ چاهيو پر اهي پئي طرف ويا، 2018 ع ۾ ڳوٺن ۾ فوري نتيجا اچڻ لڳا ۽ شهرن ۾ نتيجا اچڻ ۾ ڪيترائي هفتا لڳي ويا

چئن سالن ۾ شاهدره کان ڪالا شاه ڪاڪو تائين ميٽرو منصوبي جو ڇا ٿيو؟ 2018 ع کان ڪرپشن جي انتها ٿي آهي، پوليس اسٽيشنون وڪرو ٿي رهيون آهن

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته آءِ ايم ايف جون سموريون شرطون پوريون ڪيون ويون آهن، هاڻي آءِ ايم ايف سان معاهدو نه ڪرڻ جو ڪو به جواز ناهي. لاهور ۾ شاهدره فلائي اوور منصوبي جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته آءِ ايم ايف جو ٽئل معاهدو حڪومت جي ڳچي ۾ پئجي ويو جنهن لاءِ اڄ تائين لڪيرون هيٺ مٽي ڪرايون پيو وڃن وزيراعظم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف شاهدره فلائي اوور منصوبي جي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪشمور ۾ ڌاڙيلن جي پوليس موبائيل مٿان فائرنگ، 2 اهلڪار شهيد، 4 زخمي

ڪچي واري علائقي حاجي خان شر ٽاڪي جي حد ۾ پوليس موبائيل مٿان ڌاڙيلن ڇتي فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ نتيجي ۾ ٻه پوليس اهلڪار موقعي تي شهيد، ۽ ايس ايڇ او بخشاپور سميت چار اهلڪار سخت زخمي ٿي پيا

ڌاڙيلن پاران پوليس موبائيل تي حملي جي نتيجي ۾ اهلڪار صابر علي ۽ احد علي ڊومڪي شهيد ٿي ويا

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور جي ڪچي واري علائقي حاجي خان شر ٽاڪي جي حد ۾ پوليس موبائيل مٿان ڌاڙيلن ڇتي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ٻه پوليس اهلڪار موقعي تي شهيد، ۽ ايس ايڇ او بخشاپور سميت چار اهلڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عدليا، پارليمان، انتظاميا ۽ اليڪشن ڪميشن سميت سڀني جي اختيارن تي قبضو پئي ڪري :مولانا فضل الرحمان

اهڙي ماحول ۾ عدليا جا فيصلا ڪيئن تسليم ڪريون؟ حڪومت ۽ ٻين ڌرين کي ٻڌڻ کانسواءِ هڪ طرفا فيصلا ڏنا وڃن ٿا

رجسٽرار جي بدلي جو معاملو انتظامي آهي ان تي عمل نٿو ٿئي، عدالت اليڪشن ڪميشن جي اختيارن تي قبضو ڪيو آهي

شيڊول عدليا پئي جاري ڪري، ڇا اسين جانور آهيون جو جيڪو چارو اڇلائيندا اهو کائبو، ايئن نه ٿيندو

اسين جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، يقين آهي ته پارليامينٽ ڪنهن ڏي، عوام ڪنهن ڏي، عوام اسان سان گڏ آهي

اسلام آباد (م ڊ) پي ڊي ايم جي سربراهه مولانا فضل الرحمان هڪ ڀيرو ڀيهر عمران خان سان ڳالهين جي امڪان کي رد ڪندي چيو آهي ته عدليا، پارليمان، انتظاميا ۽ اليڪشن ڪميشن سميت سڀني جي اختيارن تي قبضو پئي ڪري، اهڙي ماحول ۾ عدليا جا فيصلا ڪيئن تسليم ڪريون؟ حڪومت ۽ ٻين ڌرين کي ٻڌڻ کانسواءِ هڪ طرفا فيصلا ڏنا وڃن ٿا. پارليامينٽ قانون ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: اسپيڪر قومي اسيمبلي راجا پرويز اشرف سان پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان ملاقات ڪندي

سرڪاري زمين تي قبضو ٿا ڪريو؟ ڊي سي ٻاالثر کي ڇماٽ وهائي ڪيدي، وڊيو وائرل

ملي (رپورٽر) سرڪاري زمين تي قبضو ٿا ڪريو؟ ڊي سي لال ڏنو منگي ٻاالثر بابو بجير کي چماٽ واهي ڪيدي، پوليس ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهيسنڌ سمال انڊسٽريز ويجهو سرڪاري زمين تي قبضي جي ڪوشش جي اطلاع تي ڊي سي لال ڏنو منگي ٽرٽ ٻهتر سرڪاري زمين تي مبينا طور پلاٽ لاءِ قبضي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

عوام پريشان آهي، پر سياسي قيادت پريشان ناهي: شاهد خاقان عباسي

هاڻي اختلاف ان حد تائين وڌي ويا آهن جو چونڊن سان اسان جا مسئلا حل ٿيندي نظر نه ٿا اچن

ملڪي قيادت کي عوامي مسئلن سان ڪا به پرواهه ناهي، موجوده صورتحال ۾ چونڊن سان به حالتون بهتر ٿيندي نظر نه ٿيون اچن

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته اڄ ملڪ جي معاشي ۽ سياسي حالتن تي عوام پريشان آهي پر قيادت پريشان ناهي، ڪراچي ۾ ملڪ جي معاشي ۽ سياسي صورتحال تي بحث ٿيو، جنهن ۾ مختلف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وزيراعظم جي مصروف هجڻ سبب وفاقي ڪابينه جو اجلاس ملتوي

اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ طرفان اسٽيٽ بينڪ کي ڏنل هدايتن تي جائزو وٺڻو هو

اجلاس دوران موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي اهم فيصلا ٿيڻ جو امڪان هو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز جي مصروف هجڻ سبب وفاقي ڪابينه جو اجلاس ملتوي ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اهم دوست ملڪن پاران پاڪستان جي امداد جو اعلان: آءِ ايم ايف آجيان ڪري ڇڏي

پاڪستاني وفد ۽ آءِ ايم ايف اسٽاف وچ ۾ ٿيل ملاقاتن ۾ مضبوط پاليسين کي برقرار رکڻ تي اتفاق ٿيو آهي :مشن نيٿن پورٽر

آءِ ايم ايف پاڪستاني عملدارن جي انهن ڪوششن جي پڻ حمايت ڪري رهيو آهي

جلد کان جلد ضروري مالياتي خاطريون حاصل ڪرڻ جو انتظار ڪري رهيو آهي ته جيئن نائين اقتصادي جائزي جي ڪاميابي لاءِ رستو پيدا ٿي سگهي

نيويارڪ (م ڊ) آءِ ايم ايف پاڪستان جي دوست ملڪن پاران امداد وارن اعلانن جي آجيان ڪري ڇڏي آهي، چيف مشن پاڪستان نيٿن پورٽر چيو آهي ته پاڪستان جي معاشي پاليسي صحيح رستي تي هلي رهي آهيچيف مشن نيٿن پورٽر چيو آهي ته پاڪستاني وفد ۽ آءِ ايم ايف اسٽاف وچ ۾ ٿيل ملاقاتن ۾ مضبوط پاليسين کي برقرار رکڻ تي اتفاق ٿيو آهيسنڌس جوڙ هو ته آءِ ايم ايف پاڪستاني عملدارن جي انهن ڪوششن جي پڻ حمايت ڪري رهيو آهي ۽ ادارو جلد کان جلد ضروري مالياتي خاطريون حاصل ڪرڻ جو انتظار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

نيويارڪ: پاڪستاني سفير منير ملڪ يو اين اي اجلاس دوران خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۾ ڪورونا وائرس جا ڪيس تيزي سان وڌڻ لڳا، ڪيترن مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي

ملڪ ۾ 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا وائرس جا 5 هزار 478 ٽيسٽ ڪيا ويا جن مان 67 ڄڻن جا ٽيسٽ مثبت آيا

اهڙي طرح مثبت ڪيسز جي شرح 1.22 سيڪڙو رهي، ان دوران ڪورونا وائرس وگهي هڪ مريض فوت ٿيو

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ 24 ڪلاڪن دوران ڪيل ڪورونا ٽيسٽ ۽ مثبت ڪيسز جي حوالي سان لاهور ۾ 325 ماڻهن مان 6 جا ٽيسٽ مثبت آيا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان جي صحت واري کاتي (اين آءِ ايڇ) چيو آهي ته ملڪ ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا وائرس جا 67 ڪيس رپورٽ ٿيا. جڏهن ته 15 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. چنچر تي اين آءِ ايڇ طرفان جاري ڪيل انگن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

تحريڪ انصاف اڳواڻ علي زيدي ڪراچي مان گرفتار

علي زيدي کي ڪراچي مان گرفتار ڪيو ويو آهي، ڪيس پي ٽي آءِ سنڌ جي آفيس مان گرفتار ڪيو ويو

پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر کي پوليس اهلڪار پاڻ سان گڏ وٺي ويا : ترجمان

علي زيدي پي ٽي آءِ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ تنظيمي عهديدارن سان ملاقات ڪري رهيو هو : پي ٽي آءِ سنڌ

تحريڪ انصاف اڳواڻ علي زيدي

ڪراچي (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ علي زيدي کي سنڌ پوليس گرفتار ڪري ورتو.تحريڪ انصاف اڳواڻ فرخ حبيب سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

علي گوهر، راجا مهر ۽ حاجي خان مهر خلاف اغوا جو ڪيس خارج

وڪيل سيد قمبر علي شاهه مهرن خلاف پنهنجي پاڻيٽي فدا عباس شاهه جي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو هو

پوليس پاران ڪي به شاهدين نه ملڻ واري رپورٽ جمع ڪرائڻ بعد عدالت ڪيس خارج ڪري ڇڏيو

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي عدالت سردار علي گوهر مهر، پ پ ايم پي اي راجا خان مهر ۽ اڳوڻي ضلعي چيئرمين سردار حاجي خان مهر خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

مودي کي پلواما جو علم هيو هن پاڻ جوانن کي مارايو: ستيا پال

پلواما ۾ مودي جان بوجھ ڪري پارٽي فوجين کي بچائڻ بدران مرڻ ڏنو

پلواما ڊراما ناهڻ جو مقصد صرف بي جي پي کي چونڊن ۾ فائدو ڏيڻ هو

سري نگر (م ڊ) جمون ۽ ڪشمير جي اڳوڻي گورنر ستيا پال ملڪ هڪ انٽرويو ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته پارٽي وزيراعظم نريندر مودي کي فيبروري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: وفاقي وزير شازيه عطا مري پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

آمريڪي پرڏيهي وزير ڏانهن لکيل منهنجي خط کي عمران خان جي حمايت طور نه ڏٺو وڃي: بريڊ شرمين

فون تي ڳالهه ٻولهه دوران عمران خان چيو ته هو قانون جي حڪمراني تي يقين رکي ٿو

پاڪستان ۾ سپريم ڪورٽ چونڊن ڪرائڻ جو فيصلو ان وقت جاري ڪيو هو جڏهن منهنجي ۽ عمران خان وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي

عمران خان پنهنجي حڪومت ڪيرائڻ جو الزام آمريڪا تي لڳايو هو مون عمران خان جي موقف تي تنقيد ڪئي هئي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي ڪانگريس جي ميمبر بريڊ شرمين چيو آهي ته آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن ڏانهن لکيل منهنجي خط کي پي ٽي آءِ چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آمريڪي ڪانگريس ميمبر بريڊ شرمين ۽ عمران خان

پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور 3 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

علي امين گنڊاپور کي صدر ڀکڙ پوليس حوالي ڪيو ويو

عدالت پاران پوليس کي 3 ڏينهن دوران جاچ مڪمل ڪرڻ جو حڪم

سرگوڌا (م ڊ) سرگوڌا ۾ دهشتگردي جي انت واري عدالت سرڪاري ڪمن ۾ مداخلت واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور کي 3 ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، پابندي مڙهيل تنظيمن جا 4 دهشتگردن گرفتار

مارجي ويل دهشتگردن جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيم ٽي ٽي پي ۽ القاعده سان آهي، سنڌن گرفتاريون ملتان، راولپنڊي ۽ سرگوڌا مان ڪيون ويون

جوابدارن وٽان ڌماڪيدار مادو، هٿيار ۽ خودڪش ويسٽ ناهڻ جو سامان هٿ ڪيو ويو آهي : پوليس

هلندڙ هفتي 419 ڪومبنگ آپريشن ڪري 94 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

لاهور (م ڊ) سي ٽي ڊي ڪارروائي ڪري پابندي مڙهيل تنظيمن جي 4 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو سي ٽي ڊي اختيارين موجب گرفتار دهشتگردن ۾ اياز خان، ياسين، سليم ۽ اسد شامل آهن.اختيارين جو چوڻ آهي ته مارجي ويل دهشتگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: سي ٽي ڊي پاران ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل پابندي مڙهيل تنظيمن جا دهشتگرد بيٺل آهن

نينگري جي مبينا اغوا واري ڪيس ۾ نڪاح خوان عدالت ۾ پيش نه ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) مقامي عدالت ۾ تندي نينگري جي مبينا اغوا واري ڪيس ۾ نڪاح خوان جوابدار غلام مصطفي عدالت ۾ پيش نه ٿيو. جوابدارن جي وڪيل محمد فارق حاضري سان چوٽ واري درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. وڪيل فاروق عمري جي ادائگي جي لاءِ سعودي عرب ويو آهي .عدالت فردجرم لاڳو ڪرڻ درخواست موخر ڪري ڇڏي آهي .پوليس رپورش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سياسي اڳواڻ خطرن جو داستان نه ناهي ان کي گهر ۾ لڪائين : قادر پٽيل

عمران جي سياسي مستقبل جو فيصلو آصف زرداري ڪندو

شيخ رشيد قلڳاريءَ مان نڪرندي ئي پنهنجين دروازي کان خيرات وٺڻ بند ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) صحت واري وفاقي وزير قادر پٽيل چيو آهي ته عمران خان جي سياسي مستقبل جو فيصلو آصف علي زرداري ڪندو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

عدليه جيڪڏهن آئين ناهڻ چاهي ٿي ته پارليامينٽ ۾ اچي : مصدق ملڪ

عدليه اهو فيصلو ڏنو جيڪو اجا تائين ناهي آيو

فيصلي مان لڳي ٿو ته ضرورت جو نئون نظريو اچي ويو آهي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيٽروليم واري مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته عدليه اهو فيصلو ڏنو جيڪو اجا تائين ناهي آيو فيصلي مان لڳي ٿو ته ضرورت جو نئون نظريو اچي ويو آهي، نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي مصدق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي : پيٽروليم وارو مملڪتي وزير مصدق ملڪ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻو: سگاوتي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ، 2 عورتون قتل، هڪ زخمي

هٿياربندن مبينا طور فائرنگ ڪري ساجده عرف بيبي زال ديدار ٻوهڙ، سنڌس ڌيئرن عقيلان ۽ انيلا کي زخمي ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا

علائقي واسين ڳڻتي جوڳي حالت ۾ عورتن کي ڪٺائي شهر جي چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي ۾ آندو

ڊاڪٽر پاران مائي ساجده عرف بيبي ۽ سندس ڌيءُ عقيلان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) قمبر باءِ پاس تي سگاوتي تڪرار تان هٿياربندن مبينا طور فائرنگ ڪري ٻن عورتن کي قتل ۽ هڪ کي زخمي ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويا.ان ڏس ۾ قمبر باءِ پاس وٽ هٿياربندن مبينا طور فائرنگ ڪري ساجده عرف بيبي زال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لاڙڪاڻو: هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويلن عورتن جا وارث اسپتال ۾ بيٺل آهن

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران عزيزآباد ۾ غيرقانوني اڏاوت خلاف ڪيس جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عقيل احمد عباسي تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ عزيزآباد ۾ غيرقانوني اڏاوت جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي .عدالت گهرجي مالڪ جي پيش نه ٿيڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چيو ته اوهان ٽائيدار آهيون اوهان کي خبر نه گهرجو مالڪ ڪهڙو آهي.عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي گهر جي مالڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

بيمار هاٿي نورجهان جي علاج لاءِ فنڊن جي ڪا به کوٽ ناهي، غفلت برداشت نه ڪئي ويندي: ناصر شاهه

هاٿي جي سارسنڀال لاءِ لائيو اسٽاڪ کاتي جي ماهرن تي ٻڌل 7 رڪني ٽيم جوڙي وئي آهي

نورجهان جي علاج لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن، صوبائي وزير پاران ايڊمنسٽريٽر ۽ ڊائريڪٽر کي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته ڪراچي چڙيا گهر جي بيمار هاٿي نورجهان جي علاج لاءِ دوائن سميت فنڊن جي ڪا به کوٽ ناهي پر جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي يا لاپرواهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سياسي پارٽيون هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ آهن : اعتزاز احسن

پارليامينٽ ۽ عدليه وچ ۾ تاريخي جنگ شروع ٿي وئي آهي

جيڪڏهن ادارا تڪليف ۾ آهن ته اسان کي سوچڻو پوندو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نامور وڪيل اعتزاز احسن چيو آهي ته عدليه ۾ سوراخ پئجي ويو آهي، پارليامينٽ ۽ عدليه وچ ۾ تاريخي جنگ شروع ٿي وئي آهي. لاهور ۾ آئين جي تقدس ۽ عدليه جي آزادي بابت ڪانفرنس کي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه چڙيا گهر ۾ بيمار هاٿي نورجهان جي سارسنڀال جي دوري جي موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون ڏيندي

پاڪستان جون تازيون پاليسيون درست آهن: آءِ ايم ايف ڊائريڪٽر

موجوده صورتحال ۾ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ ضروري آهي، معاشي استحڪام لاءِ فيصلائتي قدمن جي ضرورت آهي

مٺا سٺا جي شرح کي برقرار رکڻ به ضروري آهي ته جيئن ڪنهن به پرڏيهي جهٽڪي کان بچي سگهجي

واشنگٽن (م ڊ) آءِ ايم ايف جي ڊائريڪٽر جهاد آذر جو چوڻ آهي ته پاڪستان ۾ هاڻوڪي پاليسيون درست رخ ۾ آهن، مهانگائي تي ضابطو آڻڻ ضروري آهي.واشنگٽن ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي آءِ ايم ايف جي ڊائريڪٽر جهاد ازور چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

گڊو ويجهو زميني تڪرار تان هٿياربندن جي سڌي فائرنگ: هڪ ڄڻو قتل

انڊس هاءِ وي مزاري بخت پيٽرول پمپ وٽ موٽر سائيڪل سوار مٿان تاڙ ۾ ويٺل هٿيار بندن سڌي فائرنگ ڪري ڏني

گوليون لڳڻ ڪري 58 ورهين جو قادر بخش بوڙواٽي ٽڏي تي قتل ٿي ويو

اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تعلقه اسپتال روجهاڻ منتقل ڪري ڇڏيو

گڊو (رپورٽر) گڊو ويجهو هٿياربندن زمين جي مالڪي تان سڌيون گوليون هڻي هڪ ڄڻي کي قتل ڪري ڇڏيو پنجاب جي علائقي روجهاڻ مزاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سردارن کي شڪست ملڻ واري آهي، مظلومن سان انصاف ٿيڻ کپي: ام رباب

سردارن ۽ جاگيردارن جا حوصلا ٻڌائين پيا ته هنن جي شڪست ويجهو اچي چڪي آهي

دادو جي عدالت ۾ ميهڙ جي ٽيٽي قتل جي ڪيس جي ٻڌڻي دوران فريادي پرويز چانڊيو جو بيان قلمبند ڪيو ويو

عدالت فريادي جو بيان رڪارڊ ڪرڻ کانپوءِ ڪيس جي ٻڌڻي 29 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي

ميهڙ (م ڊ) دادو جي عدالت ۾ ميهڙ جي ٽيٽي قتل جي ڪيس جي ٻڌڻي دوران فريادي پرويز چانڊيو جو بيان قلمبند ڪيو ويو آهيعدالت فريادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

شيخ رشيد تي فرد جرم جي ڪارروائي ٻيهر ملتوي

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ شيخ رشيد خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

وڪيلن طرفان هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيل ڪيسن جي ڪاپي جمع ڪرائي وئي

اسلام آباد (م ڊ) آصف زرداري قتل جي سازش جي الزام تي شيخ رشيد تي فرد جرم جي ڪارروائي هڪ دفعو ٻيهر ملتوي ڪئي وئي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪمشنر ڪراچي پاران فيڪٽري کي باهه لڳڻ ۽ فائر برگيڊ عملي جي فوت ٿيڻ جي جاچ ڪميٽي جوڙي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ پاران نيو ڪراچي ۾ فيڪٽري کي باهه لڳڻ ۽ فائر برگيڊ عملي جي فوت ٿيڻ جي جاچ ڪميٽي جوڙي وئي آهي. ڪميٽي جو سربراهه ڊپٽي ڪمشنر سينٽرل کي مقرر ڪيو ويو آهي. ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ انوائرمينٽل ٽربيونل ۾ ملير ايڪسپريس وي جي اڏاوت سبب ماحوليات کي درپيش خطرن جي ڪيس جو فيصلو محفوظ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ انوائرمينٽل ٽربيونل ۾ ملير ايڪسپريس وي جي اڏاوت سبب ماحوليات کي درپيش خطرن جي ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪيو ويو ٽربيونل ملير ايڪسپريس وي تي تعميراتي ڪم جاري رکڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي کي ڏوهارين جو شهر بڻجڻ نه ڏينداسين: گورنر سنڌ

سحري ۽ افطار جو مقصد ماڻهن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ آهي : ڪامران ٽيسوري

1947 ع کانپوءِ پهريون ڀيرو عوام کي عزت ۽ پيار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جو چوڻ آهي ته شهر کي ڏوهارين جو شهر بڻائڻ نه ڏينداسين. منهنجي ڪا سياسي ايجنڊا ناهي، اسان سڀ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ٺٽي ۾ ملاح برادري پاران ٻاراڻ ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

سهر جي مين اسٽاپ تي علي بخش ملاح، مولابخش ملاح، الهبخش ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪري روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

پوليس گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪرڻ بعد سنڌن 3 ماڻهن کي پوليس گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

بيگناهه گرفتار ڪيل ٺهي پورهيتن کي آزاد ڪري سنڌن ذاتي پلاٽ تي قبضو ڪندڙ بااثر ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

ٺٽو(رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ پلاٽ جي معاملي تان ملاح برادري پاران مردن، عورتن ۽ ٻارن سميت ٺٽي شهر جي اهم قومي شاهراهه تي ڌرڻو ۽ احتجاج ڪيو ويو، ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي علي بخش ملاح، مولابخش ملاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو: ملاح برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ سرڪار حڪومت ڪڻڪ جو اگهه
نيون 3000 هزار في مڻ مقرر ڪندي
نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

سکر (رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ سرڪار حڪومت ڪڻڪ جو اگهه نيون 3000 هزار في مڻ مقرر ڪندي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو سومر ڪان ريٽن تي ايپليمينٽ ڪرائڻ لاءِ خوراڪ کاتي کي هدايتون هاڻي في بوري 7500 رپيا هوندي تفصيل موجب ، ڪڻڪ جي واپارين ۽ فلور ملز مالڪان کي ڪاپاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو ۾ مبينا طور هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ عورت قتل

اطلاع ملڻ تي دادو اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي عورت جو لاش اسپتال پهچايو

معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون،حقيقت عوام جي سامهون آندي ويندي : پوليس ترجمان

دادو(ن سنڌيار) دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد شهباز ڪالوني ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ عورت مبينا قتل شهباز ڪالوني جي رهواسي مسمات حليمان ميرجت زال حاجي محمد ميرجت کي پراڻي دشمني تان ٽن هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي مسمات حليمان کي پستل جا فاير ڪري قتل ڪري ڇڏيو فوت عورت جو لاش سول اسپتال ايمرجنسي وارڊ منتقل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

مانجهند ۽ لڪي شاهه صدر ۾ سماج سڌارڪ ديدار حسين ميمڻ جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف ريلي، ڌرڻو

ڊاڪٽر عزيز لغاري ءِ جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيل جي سماجي اڳواڻ ديدار حُسين ميمڻ جي خون سان انصاف لاءِ احتجاج ڪيو ويو

ڊاڪٽر عزيز لغاري ءِ جي غفلت سبب مانجهند هڪ اهڙي ماڻهو کان محروم ٿي ويو آهي جنهن صدين تائين خال نٿو پرجي سگهجي: مظاهرين

غفلت سبب ڪيترين حياتين سوڳوار ٿينديون ۽ پوئينرن جو ڪهڙو نقصان ٿئي ٿو، هنن جو مقصد رڳو پئسا ڪمائڻ آهي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۽ لڪي شاهه صدر ۾ سماج سڌارڪ ديدار حسين ميمڻ جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف سٽين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڌرڻو ڄاڃ پريس ڪلب حيدرآباد اڏو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان تفصيل موجب حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ ڊاڪٽر عزيز لغاري ءِ جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيل مانجهند جي سماجي اڳواڻ ديدار حُسين ميمڻ جي خون سان انصاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مانجهند: سماج سڌارڪ ديدار حسين ميمڻ جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ ڪروڙين روپين جي ڪڻڪ
خُرد بُرد ڪندڙ ٻيهر ڪڻڪ
خريداري لاءِ انچارج مقرر

دادو(ن سنڌيار) خوراڪ کاتي جو انوکو ڪارنامو ڪروڙين روپين جي ڪڻڪ خُرد بُرد ڪندڙن کي ٻيهر ڪڻڪ خريداري لاءِ انچارج مقرر ڪيو ويو آهي مهينو اڳ انسپيڪٽر منور ورڪ ، سرور سومرو سميت ٽن انسپيڪٽرن ۽ 5 فوڊ سپروائيزرن کي ڪڻڪ خرد برد ڪڻڪ جي ڏوهه ۾ سسپينڊ ڪيو ويو ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر دادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دڙو ۾ معذور نوجوان جو چوري خلاف ٺٽهڻ اس ۾ احتجاج، نعريبازي

معذور نوجوان ابراهيم عرف ابلو منڇري پاران سولر پليٽ چوري ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو

هفتو اڳ نامعلوم چور منهنجي گهر مٿان لڳل سولر پليٽ چوري ڪري ويا آهن: معذور نوجوان

فوري طور تي چورن خلاف قدم کڻي پليٽون واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي : مطالبو

سرحد(رپورٽر غلام عباس مهر) گهوٽڪي جي عدالت مهر پائرن خلاف اغوا جو داخل ڪيل ڪيس خارج ڪري ڇڏيو. ڪيس جي فريادي پاران فيصلو هائي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان، خبرموجب گهوٽڪي جي عدالت جي ڊي اي سان لاڳاپيل ايم پي اي ۽ مهرگروپ جي سرواڻ علي گوهرخان مهر، ايم پي اي علي نواز خان عرف راجا خان مهر، اڳوڻي ضلعي چيئرمين حاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

جوابدار کي پڇڻ نه ڏينداسين جلد ڪيس ۾ سزا ايندي : ام رباب چانڊيو

ام رباب چانڊيو فريادي پرويز چانڊيو ۽ وڪيل صلاح الدين پنهور سان گڏ عدالت پهتا،عدالت ٻڌڻي 29 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو، مرتضيٰ،سڪندر، علي گوهر،ذوالفقار چانڊيو کي سينٽرل جيل حيدرآباد کان دادو عدالت ۾ پيش

عدالت شاهدن جا بيان رڪارڊ ڪيا آهن اميد آهي ته ڪيس جو جلد فيصلو ايندو اسان سمورا ثبوت عدالت ۾ پيش ڪيا آهن: ڳالهيون

دادو(ن سنڌيار) ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري فريادي ڌر ام رباب چانڊيو، پرويز چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو، برهان خان چانڊيو ۽ ٻيا جوابدار ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

قائد آباد پرسان ڦرمزاحمت تي فائرنگ
۾ مارجي ويل نوجوان اختر وارو معاملو،
مقتول اختر ڪرڪيٽ جو رانديگر نڪتو

مليرا(ر) قائد آباد پرسان ڦر مزاحمت تي فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان اختر وارو معاملو مقتول اختر ڪرڪيٽ جو رانديگر نڪتو، شهري ڦورو سمجهي قتل ڪيو ۽ فرار ٿي ويو قائدآباد ٿاڻي تي ڪيس داخل تفصيل موجب: گذريل رات فائرنگ ۾ مارجي ويل شهري اختر جي واقعي کي پوليس ڦرمزاحمت جو واقعو قرار ڏنو فائرنگ ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو: ام رباب چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سجاول ۾ واپاري چرين سان قتل، 2 لک روپيه ڦر، وارثن پاران لاش رکي ڌرڻو

نامعلوم چور واڙي تي سٽل مال جي واپاري کي چرين سان قتل ڪري 2 لک روپيه کڻي فرار ٿي ويا

افسوسناڪ واقعي جو ٻڌي پالاري برادري جا ماڻهو وڏي انگ ۾ اسپتال پهچي ويا

اسان جي ڪونڌر ڀاءُ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ نامعلوم چور واڙي تي سٽل مال جي واپاري کي چرين سان قتل ڪري 2 لک روپيه کڻي فرار ٿي ويا. وارثن جو روڊ تي لاش رکي ڌرڻو . سجاول ۾ مال جو مشهور واپاري عالم عرف علو پالاري سجاول شهر جي بخاري قبرستان پرسان مال جي واڙي تي رات جو سٽل هو ته ڪجه نامعلوم چور چرين جا وار ڪري ڪيس 2 لک روپيه کڻي فرار ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ۾ ڦل پوليس جي ناجائزين ۽ نوجوان کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سولنگي برادري جي شيرخان سولنگي مقصود سولنگي ياسين سولنگي ولي محمد سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس اڄ ٿاڻي تي گهرائي مون ۽ منهنجي پٽ دلدار کي لاڪ اپ ڪيو ۽ سخت گارگند ڪئي: مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي پوليس خلاف قدم کڻي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)ڦل پوليس جي ناجائزين نوجوان کي گرفتار ڪرڻ خلاف سولنگي برادري جو شهر ۾ احتجاجي مظاهرو چٽي نعريبازي انصاف جو مطالبو ڦل شهر ۾ سولنگي برادري جي شيرخان سولنگي مقصود سولنگي ياسين سولنگي ولي محمد سولنگي ميرخان سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هنن چيو ته ايس ايڇ او ڦل قربان ڪلوڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سانگهڙ پوليس جي ڪارروائي،
1 مڻ 10 ڪلو چرس هٿ، ڪار
سميت منشيات فروش گرفتار

سانگهڙ(رپورٽر)سانگهڙ پوليس جي ڪارروائي، 1 مڻ 10 ڪلو چرس هٿ، ڪار سميت منشيات فروش گرفتار، سي آءِ اي انچارج انسپيڪٽر جاويد احمد جلباڻي جي اڳواڻي ۾ خفيه اطلاع تي شاهپور چاڪر ٿاڻي جي حد ۾ منشيات فروش جوابدار انب خان ولد غلام حسين سيال کي مهراڻ ڪار نمبر R2094 سميت مبينه طور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز: ڦل پوليس جي ناجائزين ۽ نوجوان کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ گرمي پد وڌي ويو، ڪاروباري ۽ ٽرانسپورٽ سرگرميون گهٽجي ويون

روڊ رستن تان ٽريفڪ گهٽجي وئي روزيدار به دوڪانن، آفيسن ۽ گهرن تائين محدود ٿي ويا

رمضان مبارڪ جي مهيني ۾ به ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ جاري آهي : شهري

بجلي جي لوڊشيڊنگ ۾ اضافو ٿيڻ سبب شهري ۽ ڪاروباري سرگرميون سخت متاثر ٿي رهيون آهن

سکر (رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ گرمي شروع ٿي وڃي گرمي جو پد 42 سينٽي ميٽر تي پهچي ويو ماڻهون گهرن تائين محدود ٿي ويا سج اڀرڻ سان اڪيون ڊيڪاري ڇڏيون تفصيل موجب ،موسم جي تبديلي اچانڪ شروع ٿي وڃي سج اڀرڻ سان اڪيون ڊيڪارڻ لڳو گرمي جو پد 42 ڊگري تي پهتو سخت تاپش پيدا ٿي وڃي جنهن سبب شهري توڙي روزيدار گهرن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مٺي جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ ميٽرڪ جو شاگرد اغوا

جوابدار نئون ڪوٽ پرسان وڃوٽو پوليس جي حد ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا

پاران پيسا ڏنا ويا هئا جيڪي کپائڻ بعد ان اهو اغوا جو ڊرامو رچايو: پوليس

نئون ڪوٽ (رپورٽ ممتاز جوٽيجو) مٺي جي ملير پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ ميٽرڪ جو شاگرد پريتم ٺڪر کي ڪار سوار مٺي جي ايورگرين هاسٽل جي گيٽ تان مبينا طور اغوا ڪرڻ بعد نئون ڪوٽ پرسان وڃوٽو پوليس جي حد ۾ ڇڏي فرار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻن جي دادو آمد

غلام محمد ميمڻ، صوبائي سينيئر نائب صدر مولانا محمد اشرف جتوئي ۽ ٻيا شامل

جامع عربيه غفاريه پاڪستان جي تمام بهترين ۽ وڏن مدرسن ۾ شامل آهي: اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل انجنيئر غلام محمد ميمڻ، صوبائي سينيئر نائب صدر مولانا محمد اشرف جتوئي ۽ صوبائي فنانس سيڪريٽري محمد اقبال سوهو جي دادو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو: گڏجاڻي جي دوران اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

ملير پرسان مختلف ڳوٺن ۾ پاڻي هڪ هفتي کان بند، ڪربلا جا منظر

ڳوٺن جا رهواسي ٽانو ڪٽي پاڻي ڀرڻ تي مجبور، انتظاميا ڪو تحرڪ نه ورتو

نوٽيس وٺي تارون جلد لڳائي ڳوٺن کي پاڻي مهيا ڪيو وڃي : رهواسي

مليرا(ر) درسائو چنو جي علي نواز جوکيو ڳوٺ سميت ڏيه کان مٿي ڳوٺن کي پاڻي پهچائيندڙ واٽر سپلائي رضا محمد جوکيو ۽ ڪوٽيرڙو جي چوڏهين ڳوٺن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڏوڪري ۾ عيد ويجهو ايندي ئي امن امان جي صورتحال خراب ٿي وئي

پوليس انتظاميا جي سرپرستي ۾ جوا ۽ منشيات جا اڏا هلڻ سبب شهر ۾ چورين جو آزار وڌي ويو

عوام رات جاڳي گذارڻ تي مجبور بڻجي ويا، سڄاڻ ڌرين پاران معاملي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري شهر ۾ پوليس جي رهائش گاهه پرسان پوليس جي سرپرستي ۾ جوا جا چار اڏا هلڻ لڳا پوليس کي حصو پهچي ملڻ سبب خاموش تماشائي بڻيل، ته ٻئي طرف شهر ۾ سرعام منشيات عام وڪر جيان وڪرو ٿيڻ لڳي نوجوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز ۾ ڊي سي پاران ذخيرو ڪندڙن خلاف وڏي ڪارروائي

اسسٽنٽ ڪمشنر پريا سٽي شاهد حسين سرڪي کي مقرر ڪري ڇڏيو

ذخيرو ڪرڻ بند نه ڪيو ويو ته ڪارروائي ڪئي ويندي : ڊپٽي ڪمشنر

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جو ذخيرو ڪندڙن خلاف وڏي ڪارروائي، 4000 بورين ذخيرو ٿيل ڪڻڪ برآمد. تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: ڊپٽي ڪمشنر ڪڻڪ جي ذخيرو اندوز ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪندي

پپري ۾ عورت تي اڳوڻي مڙس ۽ ڏير جو گهٽي ۾ بدترين تشدد

ٻارڙا کسڻ جي ڪوشش، عورت سخت زخمي، ڪيس داخل، هڪ جوابدار گرفتار

اڳوڻي مڙس منهنجي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي مون سان انصاف ڪيو وڃي: عورت

ملير(د ر) ملير جي پپري واري علائقي ۾ جوابدارن صغري پٽ کي وچ بازار مان گهلي گهٽي ۾ آڻي ڏنڊا هڻي بدترين تشدد جو نشانو بڻايو جوابدارن عورت کي ماري ماري بيهوش ڪري ڇڏيو ۽ بيهوشي واري حالت ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا تشدد جو نشانو بڻيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر ۾ اکين کان محروم مرد ۽ عورتن ۾ عيد گفٽ

سال جيان هن سال به اکين کان محروم ماڻهن ۾ عيد گفٽ ورهايا ويا آهن: اڳواڻ

تقريب ۾ اڳوڻي ڊپٽي ميئر طارق چوهاڻ ۽ ٻين اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سکر(رپورٽر) پاڪستان ايسوسيئيشن فار دي بلائينڊ ضلعي سکر پاران اکين کان محروم مرد ۽ عورتن ۾ عيد گفٽ ورهايا ويا. تقريب ۾ اڳوڻي ڊپٽي ميئر طارق چوهاڻ، نصير شاهه ايسوسيئيشن جي صوبائي اڳواڻ عبدالجبار ميراڻي. سهيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سجاول: واپاري جي قتل خلاف لاش رکي احتجاج ڪيو پيو وڃي

حڪومت ۽ اپوزيشن اليڪشن جي راند کيڏڻ ۾ مصروف آهن: فياض رباني

سنڌ ۾ 20 لک کان وڌيڪ برسات متاثر بنا گهرن ۽ نون ڪپڙن ڪانسواءِ عيدالفطر ملهائيندا

پنهنجي آس پاس جي متاثر علائقن جي مستحق ماڻهن ۽ غريب طبقي جو سهارو بڻجو

روهڙي(رپورٽر)حڪومت ۽ اپوزيشن ليڊر اليڪشن اليڪشن جي راند کيڏڻ ۾ مصروف،هن پيري سنڌ صوبي ۾ 20 لک کان وڌيڪ برسات متاثر بنا گهرن ۽ نون ڪپڙن ڪانسواءِ عيدالفطر ملهائيندا ڊائريڪٽر هيومن رائيٽس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو مٺا خان ۾ سامي فائونڊيشن پاران اسڪولي ٻارن کي آگاهي فراهم

اسڪول جي ٻارن کي ذاتي صفائي جي حوالي سان هائجن ڪٽس ٻارن ۾ تقسيم ڪيون ويون

سيد عاشق علي شاهه جان محمد راڄڙ عدل راڄڙ سيد رجب علي شاهه علي بخش جمالي ۽ ٻيا موجود هئا

چوٽياريون(رپورٽر) گورنمنٽ پرائمري اسڪول مخدوم محمد امين فهيم ٽنڊو مٺا خان ۾ سامي فائونڊيشن پاران ولي محمد مگريو جي اڳواڻي ۾ تنظيمي ٽيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

چوٽياريون پرسان ختم قرآن شريف جو پروگرام منعقد

پيش امام قاري محمد حنيف پٽي تراويح جي نماز ۾ قرآن شريف جو ختمو مبارڪ پورو ڪيو

چوٽياريون(رپورٽر)چوٽياريون لڳ ڳوٺ جاني جوڻيجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سيوهڻ ۾ رمضان المبارڪ مهيني جي آخري ڏهي ۾ ختم القرآن جا جلسا شروع

رمضان مهمان مهينو آهي، الله تعالي هي مهينو مسلمانن کي تحفو ڪري ڏنو آهي: عالم

سيوهڻ(رپورٽر) سيوهڻ شهر ۾ رمضان المبارڪ مهيني جي آخري ڏهي جي شروع ٿيندي ئي الله جي گهرن ۾ ختم القرآن جا جلسا شروع ٿي ويا آهن ختم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

حيدرآباد ضلعي انتظاميا پاران منافعي خورن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري

ڪارروائين دوران مجموعي طور تي 13 منافعي خورن کان 57 هزار روپيا پيا ڏنڊ وصول ڪيو ويو

اسسٽنٽ مختيارڪار اسدالله جوڻيجو ۽ پرائيس انسپيڪٽر عابد ناهيون ڪاروائي دوران ڏنڊ ورتو

حيدرآباد (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنرحيدرآباد فواد غفار سومرو جي خاص هدايت تي 24 هن رمضان المبارڪ تي به ضلعي انتظاميا پاران پوري ضلعي ۾ منافعي خورن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري رهيو. مجموعي طور تي 13 منافعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز ايس ڊي او سيپڪو جي آفيس ڪرپشن ۽ رشوت خوري جو مرڪز بڻجي وئي

لکين روپين جي ماهوار ناجائز ڪنيڪشنن جي مد ۾ منٿلي اوڳاڙڻ جو انڪشاف ٿيو، اختياريون خاموش

مختلف سياسي و سماجي تنظيمن توڙي شهرين پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

ڪرپٽ ايس ڊي او اسد ميمڻ ۽ سنڌس ڪاٺو پٽ ارشاد ميمڻ کي هٽائي شهرين تان عذاب ختم ڪيو وڃي: مظاهرين

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نيب سکر ۽ چيئرمين اينٽي ڪرپشن سنڌ ڪراچي سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن نوشهرو فيروز واپڊا ۽ عوام جو چورن وانگر رت چوسيندڙ ارشاد ميمڻ جيڪو لائين مين آهي هن کي سٽي ٿري تي سنڌ ڪالوني، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

لاڙڪاڻي ۾ ون فائي بيس 2 انچارج
سب انسپيڪٽر محمد وارث پٽو
جو سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل

لاڙڪاڻو(بيورو چيف) لاڙڪاڻي ون فائي بيس 2 انچارج سب انسپيڪٽر محمد وارث پٽو جو سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل ٿيڻ کان پوءِ ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڊاڪٽر محمد عمران خان نوٽيس وٺي اي ايس پي سٽي لاڙڪاڻو عتيق الرحمان ميکڻ کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو آهي، ان کان پوءِ سب انسپيڪٽر محمد وارث /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: ايس ڊي او خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ عيد جي خريداري لاءِ رش، مهانگائي غريب عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي

خريداري لاءِ بازارن اندر عورتن جي رش هجڻ سبب دڪاندان مهانگائي ڪري اڳ وڌائي ڇڏيا

مهانگائي سبب غريب خريدار تمام گهٽ اچن ٿا، غريب طبو سخت پريشان حال آهي: رهواسي

سکر (رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) عيد جي آخري ڏهاڪي ۾ شهر جي بازارن عيد جي خريداري لاءِ رش مهانگائي غريب عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي خريداري لاءِ بازارن اندر عورتن جي رش وڌيڪ دڪاندان مهانگائي ڪري اڳ وڌائي ڇڏيا خريدارن ڪپڙا وڌيڪ وٺڻ بدران گهٽ وٺڻ تي مجبور مهانگائي جي ڪري ڪپڙا توڙي ٻيو سامان وٺڻ دوران خريدارن سان بحث مباحثو ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شيخ پرڪيو ۾ آئي جي سنڌ پاران منشيات خلاف جوڙيل ٽيم پاران ڇاپو

ڇاپي دوران لکين روپين جي ماليت جو منشيات مين پڙي جو خام مال برآمد هڪ اشتهاري منشيات فروش فرار ۾ گرفتار

ڪاروائي دوران منشيات مين پڙي ناهي وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ محمد عمر ساند ۽ حاڪم علي ساند کي گرفتار ڪيو ويو

ڇاپي دوران پوليس کي منشيات جي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار منشيات فروش نياز پتافي کي ايف آئي آر ۾ فرار ڏيکاريو ويو

ٽنڊو محمد خان(بر مظفر علي بروهي) آئي جي سنڌ پاران منشيات خلاف جوڙيل ٽيم جو شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جي اڏي تي ڪامياب ڇاپو ايس پي عليتا راجپر جي سربراهي ۾ ٽنڊو محمد خان شيخ پرڪيو پوليس پاران ڪاروائي ڪئي ڇاپي دوران لکين روپين جي ماليت جو منشيات مين پڙي جو خام مال برآمد هڪ اشتهاري منشيات فروش فرار ۾ گرفتار مٿن ڪيس داخل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٻچيري: چوڏڳي پرسان ٽرڪ جو
موٽر سائيڪل کي ٽڪر، هڪ
عورت فوت ۽ هڪ ڄڻو زخمي

ٻچيري(رپورٽر) مهراڻ هاءِ وي تي ڪچي چوڏڳي پرسان ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، هڪ عورت فوت ۽ هڪ ڄڻو زخمي ، مهراڻ هاءِ وي تي ڪچي چوڏڳي پرسان ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر جي نتيجي ۾ ڏوڙ واسي عورت گدو ولي عبالمجيد مغل فوت ۽ سنڌس ڀاءُ حارث ولد عبدالمجيد مغل سخت زخمي ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان: پوليس جي ڪارروائي دوران گرفتار جوابدار حراست ۾ بيٺل آهن

ڪنڌڪوٽ ڪچي واري علائقي ۾ پوليس جو ڏوهاري ٽولن خلاف آپريشن جاري

ايس ايس پي عرفان علي سمون جي هدايتن تي صبح کان ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن شروع ڪيو ويو

2 پوليس اهلڪار شهيد، ايس ايڇ او سميت 4 پوليس اهلڪار زخمي، مارجي ويل پوليس اهلڪارن جا لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل

پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ روانگي ٿي وئي، پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ فائرنگ جو سلسلو اڃا تائين جاري

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ امداد بنگوار) ڪنڌڪوٽ گيهلپور جي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس جو ڏوهاري ٽولن خلاف آپريشن، 2 پوليس اهلڪار شهيد، ايس ايڇ او سميت 4 پوليس اهلڪار زخمي، مارجي ويل پوليس اهلڪارن جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، ايس ايس پي عرفان علي سمون جي هدايتن تي صبح کان ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن شروع ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گهوٽڪي جي عدالت مهر پائرن خلاف اغوا جو داخل ڪيس خارج ڪري ڇڏيو

ڪيس جي فريادي پاران فيصلو هائي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

وڪيل فيض مهر، جمشيد محمد اسماعيل مهر، ممتاز مهر ۽ ٻيا پيش ٿيا

فرياد قمبر شاهه ڪاظمي پاران فيصلو سکر هائي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان

سرحد(رپورٽر غلام عباس مهر) گهوٽڪي جي عدالت مهر پائرن خلاف اغوا جو داخل ڪيل ڪيس خارج ڪري ڇڏيو. ڪيس جي فريادي پاران فيصلو هائي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان، خبرموجب گهوٽڪي جي عدالت جي ڊي اي سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ناروشاهه واسي پريمي
جوڙي پسند جو پرڻو ڪري
ڇڏيو، تحفظ جي اپيل

ناروشاهه(رپورٽر) ناروشاهه واسي جوڙي ناديا سيال ۽ معشوق علي ڪوڪر سان نوشهروفيروز جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو جنهن بعد جوڙو پريس ڪلب پهتو جتي ناري ناديه صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مون پنهنجي ۽ والدين جي مرضيءَ سان معشوق ڪوڪر سان پسند جي شادي ڪئي آهي جنهن تان منهنجا ماما ۽ چاچا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

گهوٽڪي: علي گوهر خان مهر، راجا خان مهر ۽ حاجي خان مهر جا فائيل فوٽو

ٽنڊوالهيار پرسان مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل سليمان لنڊ جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

ڌرڻي ۾ موجود مردن ۽ عورتن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪندي ٽنڊوالهيار پوليس خلاف نعريبازي ڪئي

پوليس اڇي نوجوان کي ي گهران گرفتار ڪيو ۽ گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ ٻاهر وڃي هن کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو: مظاهرين

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، معاملي جي جانچ ڪئي وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

ٽنڊوالهيار(رپورٽر) ٽنڊوالهيار ويجهو ڊاسوڙي ٿاڻي جي حد ۾ ڪجه ڏينهن پهرين مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل سليمان لنڊ جي وارثن پاران ٽنڊوالهيار شهر ۾ لطيف گيٽ جي سامهون ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ڌرڻي ۾ موجود مردن ۽ عورتن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪندي ٽنڊوالهيار پوليس خلاف نعريبازي ڪئي، احتجاج ڪندڙ مردن توڙي عورتن ميڊيا وارن اڳيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سکر ۾ بجلي بندش سبب شهري سخت پريشان، روڊ تي نڪري آيا

اسان جي علائقي کي بجلي سيپڪو عملدار نٿا ڏين، بجلي علائقي جي ڪاٽا ڪئي وئي آهي: مظاهرين

اسان علائقي سان ظلم آهي، بجلي جي بندش سبب سمورو ڪارهنوار ٺپ پيل آهي، واهر ڪئي وڃي

نوٽيس وٺي اسان جي بجلي بحال ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي جيئن اسان زندگي جون سهولتون حاصل ڪيون

سکر (رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ)ڇهن مهينن ڏان بجلي بندش سبب شهري سخت پريشان ٿيو ڳوٺ جا رهواسي پريشاني بعد بجلي جي بحالي لاءِ روڊن تي نڪري سخت احتجاجي مظاهرو ڪري سيپڪو جي زيادتين خلاف ميٽرن جا بل هٿن ۾ کڻي نعريبازي ڪندي چيو آهي سکر اليڪٽرڪ پاور سپلاءِ ڪمپني (سيپڪو) ۽ لاڳاپيل سب ڊويزن جي مبينا زيادتيون ڪري رهيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٽنڊو محمد خان پرسان نوجوان
بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب
زخمي ٿي پيو، اسپتال داخل

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان ويجهو ڳوٺ اسلم خاصخيلي جو رهواسي دلشاد ولد ارشاد خاصخيلي بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو. جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ سول اسپتال ٽنڊو محمد خان آندو ويو جتي ڪيس طبي امداد ڏني وئي.


سکر: بجلي جي بندش خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

خانواهڻ ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني چورين ۽ ڦرون ٿيڻ خلاف شٽر بند هڙتال، ڌرڻو

سماجي اڳواڻن جي ڏنل هڙتال جي سڏ تي شهر ۾ پنج ڪلاڪ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪري احتجاج ڪيو

شهري توڙي پرپاسي ۾ چوريون ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهن: مظاهرين

شهر ۾ ٿيل بدامني جو نوٽيس وٺي بدامني ختم ڪري شهرين کي ڪاروبار ڪرڻ ڏنو وڃي: مطالبو

خانواهڻ(رپورٽ: عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني چورين ۽ ڦرون ٿيڻ خلاف ٻئي ڏينهن به شٽربند هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويو. خانواهڻ شهري توڙي پرپاسي ۾ چوريون ڦرون روز جو معمول بڻيل خانواهڻ پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي . شهري اتحاد ، ڪونٽر سوشل ويلفيئر، واپاري ايسوسيئيشن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي ڏنل هڙتال جي سڏ تي شهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 16 اپريل 2023 ع

اٽي بحران جو سبب کاتي جي نااهلي ۽ ڪڻڪ جي چوري آهي

سموري دنيا ۾ ماحولياتي توازن ۾ بگاڙ سبب هن سال به سنڌ ۾ غيرمعمولي برسات پوڻ جو امڪان موجود آهي،سنڌ انڪري وڌيڪ متاثر ٿيندي رهي آهي جو هي آبپاشي سسٽم موجب پڇڙي ۾ واقع آهي،جنهن لاءِ سنڌ ۾ چوڻي آهي ته "آخروارا يا سڪي مرن يا ٻڏي مرن".

گذريل ٻن ٽن وڏين ٻوڏن باوجود حيرت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ حڪومت هن هيڏي ساري الميي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪنهن به سطح تي سنجيدگيءَ جو مظاهرو نه پئي ڪري. گذريل سال سنڌ ۾ آيل ٻوڏ جو پاڻي هڪ پنجاب کان ۽ ٻيو وري بلوچستان کان آيو هو جنهن ڪري سنڌ جي ٽيون حصو آبادي پنهنجي الهه تلهه کان محروم ٿي وئي، جن مان لکين متاثر تاحال دربدر آهن جن جي بحالي وارن ٿيل اعلانن تي عمل نه ٿيو آهي.

عالمي ادارن جي آيل امداد سان في گهر جي لاءِ جيڪا مدد ڪئي پئي وڃي سا به هن دور ۾ ايتري رقم سان جڙندڙ گهرن جي پائيداري تي سوال بڻجي رهي آهي.

گذريل سال جي ٻوڏ سان سنڌ کي ٻيو ته هر طرح جو نقصان ٿيو هو پر سڀني کان گهڻو نقصان زراعت واري شعبي کي رسيو هڪ ته اڳي موجود فصل لڙهي ويو زمين جي پوکي جي لاءِ گهربل سامان سڙڻ ۽ اوزارن کان به ماڻهون محروم ٿي ويا مٿان وري انهن وٽ ايندڙ پوک جي لاءِ هڙ ۾ به ڪجهه نه هو.

گذريل ٻوڏ بعد ماهرن پاران ٿيندڙ سروي دوران اهو امڪان ظاهر ڪيو پئي ويو ته هن سال باقي جيڪا زمين پوک لائق بچي آهي، ان تي ڪڻڪ جي پوکي وڌيڪ متاثر ٿيندي جيڪا ڳالهه وقت سان گڏ درست ثابت ٿي.

ڪڻڪ کاڌ خوراڪ جو لازمي اسم آهي،جنهن جي ڪنهن به سطح تي کوٽ جو هڪ فرد جي بجيت تي سڌو اثر پوي ٿو ٻئي پاسي کي حيران ڪندڙ حقيقتون سامهون اچي رهيون آهن، هيتري ساري ڪڻڪ تي ايمرجنسي هئڻ باوجود ڪڻڪ جي چرپر واري قانون جي لتاڙ سميت ڪڻڪ جي غيرقانوني وڪري ۽ چوري جي عمل کي سنڌ سرڪار روڪڻ ۾ ناڪام وئي آهي.

اينڪر پرسن ڪامران خان چيو آهي ته سنڌ ۾ 15 سالن کان ڪڻڪ جي چوري ٿي رهي آهي، هڪ ارب رپين جي سرڪاري ڪڻڪ چوري ڪندڙ خوراڪ کاتي جا 30 ملازم انڪوائري مڪمل ٿيڻ کان اڳ ئي نوڪرين تي وري بحال ٿي ويا آهن . پيهر اربين رپين جي ڪڻڪ خريداري جا انچارج بڻايا ويا آهن، هن چيو ته خوراڪ کاتي انڪشاف ڪيو آهي ته هڪ لک 60 هزار ٻورين تازين برساتن ۾ خراب ٿي ويون، جيڪي خبرناهي ته هٿ سان خراب ڪيون ويون يا وري ڪو ٻيو قصو آهي.

هن جو چوڻ هو ته گذريل سال به صوبائي ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته سرڪاري گدامن مان ڪڻڪ جون 16 لک ٻوريون غائب آهن، هڪ لک 70 هزار ٻوريون خراب ٿيون آهن، گذريل سال به خوراڪ کاتي جي 200 ملازمن خلاف ڪڻڪ چوري الزام ۾ ڪارروائي شروع ٿي، پر تقريبن سمورا ملازم نوڪرين تي بحال ٿي ويا آهن ۽ اهو سلسلو ساڳي ريت جاري آهي، نيب سنڌ ۾ سرڪاري ڪڻڪ جي تقريبن 10 ارب رپين جي چوري پڪڙي هئي، هن وقت به خوراڪ کاتي جي آفيسرن خلاف 19 ريفرنس احتساب عدالت ۾ سماعت هيٺ آهن، ان هوندي چوري جونٿي رکجي،هن وقت اٽي جي کوٽ جو پس منظر 15 سالن کان ڪڻڪ جي چوري جاري آهي

سنڌ جي ٻين علائقن مان به ڪڻڪ جي چوري ٿيڻ ۽ ڪڻڪ ٻين ضلعن توڙي ٻين صوبن ڏانهن وڃڻ جو سلسلو جاري آهي، اسان جي عيوضي موجب ميهڙ مان بلوچستان ۽ ٻين صوبن ڏانهن ڪڻڪ وڪرو ڪري موڪلڻ جو عمل جاري آهي،تازو 10 کان وڌيڪ ڪڻڪ سان ڀريل ٽرڪون خوراڪ کاتي جي عملدارن هٿ ڪيون آهن جڏهن ته دادو ضلعي مان ڪڻڪ ٻين علائقن ڏانهن منتقل ڪرڻ جو ڪم هلي پيو.

جهڏي شهر ۾ لاڳاپيل کاتي جي عملدارن واپاري جي گدام تي ڇاپو هڻي اتان 8 هزار ٻوريون ڪڻڪ هٿ ڪئي آهي،قانون موجب ڪنهن به واپاري کي ٻه هزار ٻورين کان وڌيڪ ڪڻڪ جون ٻوريون رکڻ جي اجازت نه آهي.

ڪراچي ۾ منزل پمپ پرسان سرڪاري گدام ۾ پيل ڪڻڪ لاڳاپيل کاتي جي نااهلي جي ڪري خراب ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. سنڌ حڪومت جو خوراڪ کاتو باخبر هئڻ باوجود ايڪشن نه ورتو آهي.

خوراڪ کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جو چوڻ آهي ته برسات جي پاڻي پوڻ ۽ سار سنڀال نه هجڻ ڪري ڪڻڪ خراب ٿي آهي. ڪجهه وقت اڳ حڪومت تي لک ٻوريون ڪڻڪ فلور ملن کي ڏنيون هيون، ڪڻڪ جي خراب هجڻ بابت فلور مل مالڪن احتجاج به ڪيو هو.

خوراڪ کاتو حڪومت جي ڪجهه بااثر ۽ سٺين کاتن مان هڪ آهي،جنهن ڪري هن جو مڪمل طور تي بيڙو ٻڏو پيو آهي، حڪومت ڪڻڪ جي ٻين ضلعن ۽ ٻين صوبن ۾ چرپر واري عمل کان ويندي ڪڻڪ جي خراب ٿيڻ جهڙن اهم معاملن تي ڪو به سنجيده قدم کڻڻ جي لاءِ تيار نه آهي. ساڳي ريت ڪجهه رسمي ڪارروايون ۾ خوراڪ کاتي جا آفيسر معطل ٿين ٿا وري ساڳي عهدي تي بحال به ٿي وڃن ٿا انهن آفيسرن کي وري ساڳيو ڪم ڏنو وڃي ٿو جن مٿان ڪيترائي ڪرپشن جا ڪيس هوندا آهن.

سموري ملڪ جيان سنڌ ۾ پڻ ڪڻڪ ۽ اٽي جي کوٽ هڪ وڏو مسئلو بڻجي رهيو آهي. ڪيترن ئي واهپي جي لازمي جنس جيان ڪڻڪ جي اٽي جو اگهه پڻ روز روز تبديل ٿيندو رهي ٿو جنهن ڪري عام ماڻهو پريشاني جو شڪار آهي.

حڪومت کي هن حساس معاملي ڏانهن گهربل ڌيان ڏئي ڪڻڪ جي رکولي ڪندڙ ۽ ڪڻڪ جي خريداري ڪندڙ عملي ۽ خوراڪ کاتي جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ گهرجي ٻي صورت ۾ ان جو ڪو حل نه نڪرندو، حڪومت جيڪڏهن خاص ڌيان ڏئي ڪري خوراڪ کاتي کي نه سڌاري ته ايندڙ وقت ۾ اٽي جو اگهه عام ماڻهوءَ جي وس ۾ نه رهندو پيو وري ماڻهن کي صحت لاءِ هاڃيڪار اٽي ملڻ ڪنهن به وقت ڪو وڏو الميو پيدا ٿي سگهي ٿو

آئين جي گولڊن جوبلي ملهائجي يا ماتم ڪجي؟

پروفيسر محمد صديق انڙ

جڏهن ناراض مخالف ڌر جي موجودگيءَ ۾ 10 اپريل 1973 ع تي ٻن مارشلائن جي ماريل جمهوريت جي وارثن ملڪ ۽ قوم کي متفق آئين جو تحفو پيش ڪيو ته اهو ڏينهن واقعي داد ۽ تحسين جي لائق ئي هو جيڪو ته ان وقت جي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، مولانا مفتي محمود، علامه شاه احمد نوراني، خان عبدالولي خان، غوث بخش بزنجو، عبدالحفيظ پيرزادو ۽ ان پايي جي قيادت جو احسان مڃڻ به لهي ٿو انهيءَ سوچ کي سامهون رکندي جڏهن هن سال آئين جي سالگره جو ڏينهن ملهائڻ لاءِ پارليامينٽ هائوس ۾ اسپيڪر قومي اسيمبلي ڪنوينشن ڪوٺايو ته سياسي قيادت سميت ملڪ جون مک ساکائتيون شخصيتون پڻ موجود هيون، جن ۾ سپريم جو هڪ معزز جج به موجود هو پوءِ خدا جي خلق ڏٺو ته آئين، جيڪو مهذب رياست جي روح جي حيثيت به رکي ٿو ته سيني رياستي ادارن جي خمير جو درجو به رکي ٿو تنهن بابت سرهو ٿيڻ بدران آئين دشمن فاشسٽ قوتن ان سڄي ميلي کي ان معزز جج جي شرڪت خلاف روايتي بد تهذيبي ڪندي ناڪاري ٽرينڊ هلائي ملهايو عدليه آئين جي محافظ آهي. ان دستاويز جي جشن ۾ نه سڄي عدليه کي موجود هجڻ گهربو هو هن آئين اڄ تائين پهچندي جيترين للڪارون ڏٺيون ۽ خطرناڪ حملا برداشت ڪيا، ان کان پوءِ به 50 سالن جي عمر پوري ڪرڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪونهي هن آئين جي دشمنن جو تعداد ان جي حامين کان وڌيڪ آهي پر اخلاقي طرح ڪمزور هئڻ سبب هر طرح جي ڪوشش جي باوجود هن احترام لائق دستاويز جي وجود کي ختم نه ڪري سگهيا آهن

1947 ع ۾ آزادي ماڻڻ کان وٺي هن ملڪ کي جمهوريت پسند قيادت مڙيوئي گهٽ گهٽ نصيب ٿي آهي جيڪڏهن پٽاڪ نه هڻجي ۽ تسليم ڪجي ته 1956 ع جي پهرئين آئين لهڻ تائين به اڌوگابري آئين ساز اسيمبليءَ ۾ اهو ئي ناٽڪ جاري رهيو جيڪو اڄڪلهه ته بنه چوٽ چڙهيل آهي اهو آئين بنگالين جي اڪثريت خلاف بنياد پرست ۽ مغربي پاڪستان جي طاقتور جاگيردارن واري صوبي پنجاب جي تنگ نظريءَ جي پيداوار هو جنهن جي "تخت لاهور" حاصل ڪرڻ لاءِ، خاص ڪري پي پي ٽي آءِ ۽ نون ليگ عدليه ۽ اسٽيبلشمينٽ جي آڌار تي اڄ به ڌرتي ڌامون ڪريو وينا آهن ان آئين کي لهڻ ۾ نون سالن جي دير صرف اڪثريتي صوبي کي چٽڻ لاءِ، قرارداد مقاصد ۽ عالمن جي 22 نڪتن کي آئين ۾ سندن مرضيءَ جو مقام ڏيارڻ لاءِ ۽ ننڍا صوبا ته پيا ڪڏ جي تري ۾، بنگالي زبان کي اردوءَ سان گڏ قومي زبان قرار ڏيارڻ تي اختلاف سبب ٿي اهو آئين ڪاميابي لائق هوئي ڪونه، انهيءَ ڪري ئي ايوب خان "قوم جو مسيحا" بڻجي ڏنڊي سوڌو پهچي ويو انهيءَ لٺ جي زور تي 11 سال ته ڪڍيائين پر ملڪ کي پنهنجي مرضي مطابق 1962 ع وارو صدارتي آئين پڻ ڏنائين نتيجي ۾ اڳئين آئين صرف 6 سالن ۾ مرهيات جي منزل ماڻي ايوبي آئين سان وري سندس ئي ٻئي ڀائي جنرل يحيٰ خان 1969 ع ۾ اهوئي حشر ڪيو جيڪو هر آمر ڪندو آهي ان کان پوءِ ان فوجي سربراه کي هم نصابي سرگرمين کان جيترو به وقت باقي بچيو ان ۾ بنگالين خلاف فوجي آپريشن ڪري ملڪ کي ٻه اڌ ڪرائي، 90 هزار جنگي قيدي ڀارتي جيلن تائين پهچائي، ملڪ، قوم ۽ خود کي پوري طرح خوار خراب ڪرائي پوءِ ڪنداٽئو ٿي وڃي ساهه پٽيائين انهن حالتن ۾ باقي بچيل ملڪ کي بچائڻو هو آئين به ڏاهڻو هو جنگي قيدي هندستاني جيلن مان آزاد ڪرائي مايوس ۽ شرمنده قوم جو مورال به اوچو ڪرڻو هو ڪم ته تمام ڏکيو هو پر ٿي ويو جن ڪيو هو تن لاءِ سڪلي واهه واهه ته لهي ٿي!!

1973 ع جو آئين ۾ ڪل 280 آرٽيڪل يا شقون آهن، جن مان شق 8 کان 28 تائين تفصيل سان انساني بنيادي حقن جي فراهمي ۽ حفاظت جي ضمانت ڏنل آهي پر ملن مشڪل سان ٿا حقيقت حال ان کان بنه تلخ آهي، چاڪاڻ ته هيءَ آئين پنهنجي خالق کان وٺي ٻن مارشلائن ۽ آمرانه سوچ رکندڙ سياسي رانديگرن هٿان پنهنجي وجود ۾ ٿهري کان برداشت ڪندو آيو آهي پر اڃا پيو جيئي هي ءَ جيئڙو ان ڪمال تي هڪ سلام ته لهي ٿو چو ته شايد هن آئين کي صفا فنا ڪرڻ کان ڊڪٽيٽر به ڊڃيو وڃن اها ٻي ڳالهه آهي ته آئين ٽوڙي به سداجي سهولتڪار جديشري سيني کي تحفظ ڏيئي صفا حاجي بنائي پوءِ الوداع ڪندي آهي گهٽ ته ڪنهن به ڪاڻ ڪئي پر جيڪو ڪاپاري ڌڪ ضياء هن مقدس سڌيل آئين ۽ پاڪ سرزمين جي دعويدار ملڪ سان ڪيو، ان جا مونمار اثر سندس هوائن ۾ اڏامي وڃڻ جي 35 سالن کان پوءِ به سڄي سياست، سماجيت ۽ خاص ڪري مذهبي سوچ کي هڪ مخصوص پر تنگ نظر رستي تي لڳايو ويٺي آهي موصوف قرارداد مقاصد، جيڪا صرف ديباچي طور موجود هئي، ان کي آئين جو باقاعده حصو بڻايو اٺين ترميم هن آئين جو جڻ ته عقيدو ئي بدلائي ڇڏيو شق 58 ٽو بي ته آئين کي پارليماني مان بدلائي جهڙو صدارتي بڻائي ڇڏيو هو اهڙين من پسند ترميمن توڙي مذهب جي تشريح، وردي ۽ جي زور ۽ لاڳيتي ڪوڙ جي سهاري هيءَ به پيا يارهن سال هن قوم جي وجود سان جڙن وانگر چنبڙيو رهيو آئين ڪاغذ جو ٽڪرو سڏيندڙ هن غاصب جيڪي ترميمون ڪيون، تن کي بعد ۾ ايندڙ جمهوري حڪومتون به مذهبي حلقن جي دٻاءَ سبب ڪجهه نه ڪري سگهيون

نواز شريف جي ٻئي دؤر 99 _ 1997 ع دوران 58 ٽو بي واري ترميم کي ختم ڪيو ويو 14 ترميم وسيلي سياسي پارٽين جي اڳواڻن کي پارٽي ميمبرن تي لامحدود اختيار استعمال ڪرڻ جو حق ڏئي پارٽي خلاف ووٽ ڏيڻ جي راهه ۾ رڪاوٽ وڌي ويئي افسوس جو اڄ اعليٰ عدليه 63 اي جي تشريح جي نالي تي ساڳي شق کي آئين پيهر لکڻ مترادف عمل ڪري ظاهر ۾ آئين کان مٿانهون فيصلو ڏنو جنهن کي ملڪ ۾ جاري بحران جي "ماءُ" سمجهيو پيو وڃي پر ساڳئي نواز شريف 15 ترميم ذريعي پاڻ لاءِ امير المومنين وارا لامحدود اختيار خود حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ته ڪئي پر 2 ڀاڱي 3 جي اڪثريت نه هئڻ سبب ڪاميابي ڪانه ملس 1999 ع ۾ جنرل مشرف بغاوت ڪري جڏهن اقتدار تي قبضو ڪيو ته 58 ٽو بي سميت طاقتور صدر جي اختيارن کي چيف ايگزيڪيوٽو ۽ صدر جي حيثيت ۾ استعمال ڪندو رهيو سندس اصل طاقت جو سرچشمو ساڳي روايتي چڙي رهي پر 1973 ع جو آئين سڀ بي حرمتيون برداشت ڪندي پوءِ به زنده رهيو موصوف هن آئين کي 1999 ع کان پوءِ وري ٻئي دفعي ٽوڙي 3 نومبر 2007 ع تي ايمرجنسي لاڳو ڪري عدالتي بحران کي منهن ڏيڻ چاهيو هيءَ جذباتي قوم تڏهن به آمر نما منصف سان گڏ هئي پر اڄ منصفن جا ڪارناما ڏسي ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي هوندي ته ڪاش! انهيءَ آئين شڪني ڪرڻ ۾ اهو ئي آمر جيڪر ڪامياب ٿئي ها ته گهٽ ۾ گهٽ ٻئي قسم جي آمريت کان ته بچي وڃجي ها انهيءَ ساڳي عدالت سگهوري سال 2003 ع ۾ ساڳئي غاصب کي 17 اهين ترميم ذريعي سندس سيني گناهن کي نه تحفظ ڏنو پر وردي واري جنرل کي بي حساب ترميمن جو به اختيار ڏنو هو واهه ڙي قسمت!! اهو پهريون پيرو نه ٿيو هو اسان جي عدليه شروع کان، جسٽس منير پيدا ڪيا آهن. نظريءَ ضرورت جن جي پوائتي ايجاد آهي. عدليه گهڻو ڪري غاصبن سان گڏ رهي اقتداري راند ۾ جونيئر حصيدار جو ڪردار ڪندي آئي آهي ان ڪري آئين ۽ پارليامينٽ جو جيڪو "آئيني خمير" خود عدليه منجهه موجود آهي، ان جي آڌار تي پارليامينٽ جي "سپرميسي" ته مادري حق آهي افسوس! سندس ٿي حصي عدليه، اسٽيبلشمنٽ سان ملي هميشه ڪيس ان حق کان محروم رکيو آهي

صرف 18 هين ترميم هن آئين ۽ جمهوريت لاءِ اها اڪيلي بهار هئي، جنهن ضيائي ترميمن سميت ڪافي ناپاڪين کي صاف ڪري پارليامينٽ جا اختيار به بحال ڪيا ته صوبن کي به پهريون دفعو ڪافي جائز حق ڏيارڻ پر اجا به اهي اسر جيڪي صوبن کي منتقل ڪيا ويا هئا، تن کان ۽ ٻويزن جون وفاقي وزارتون به قائم آهن ته فضول خرچيءَ واري Duality به جاري آهي انهيءَ مرحلي تي افتخار چوڌري واري عدالت، بلال پتوچوائي، "بليڪ ميل" ڪري 19 ترميم ڊڪٽيٽ ڪرائي پنهنجي اداري جون مقررين پاڻ وٽ رکرايون انهيءَ ترميم جو ئي نتيجو آهي ته اڄ جونيئر حمايتي ٻينجن خلاف موجود ڪروڙ سبب رياستي ادارا به سياستدانن وانگر ڌڙن ۾ ورهائجي پريشان ڪندڙ رساڪشي ۾ رڌل آهن هن وقت هر ادارو ڪنهن ٻئي اداري سان ۽ سياسي ڌريون هڪٻئي سان پوائتي جنگ جوٽيو ويٺا آهن 25 هين ترميم ذريعي سرحد صوبي وارن کي پنهنجي تاريخي سڃاڻپ موٽائي ڏني ويئي ۽ نئون نالو خيبر پختونخوا پئجي ويو هيستائين ڪل ملائي 26 ترميمون ٿي چڪيون آهن. ڪجهه چڱيون ۽ ڪجهه بريون پر هيءَ متفقه آئين اڃا تائين جيئرو آهي، جيڪو خود تمام وڏو ڪارنامو آهي

ائين به ناهي ته هي آئين ڪوتاهين کان پاڪ آهي ويجهڙائي ۾ ڪجهه عملي مشڪلاتون صدر ۽ گورنرن طرفان حلف کڻائڻ يا قانوني بلن تي صحي ڪرڻ جهڙين آئيني ذميوارين پوري ڪرڻ ۾ ڪوتاهي، ٻن صوبن جي اسيمبلين کي باقي اسيمبلين کان اڳ ۾ ٽوڙڻ کان پوءِ واري صورتحال يا هڪ وزيراعظم کي سوليءَ تي چاڙهيندڙ ۽ ٻن کي گهر پيڙو ڪندڙ پاڻمرادو طاقتور بڻيل عدليه ۾ مقررين توڙي جوابدهيءَ بابت جهان خاني قانون جهڙي ڪمزور ميڪنزم سميت اهڙا ڪيترائي پيا مونجهارا نظرثاني ۽ بهتري جي تقاضا ڪن ٿا هوندن به 73 ع واري آئين جي خالقن جي ذهن ۾ خان صاحب جهڙي رانديگر واري سوچ، ذاتي عادتون، عمل، رجحان ۽ غير سياسي "سياسي" سمجهه بابت پيش بندي ڪرڻ جيتري دورانديشي شايد ڪانه هئي

هن وقت عدليه جي اندر اختلاف، عدليه ۽ پارليامينٽ جي وچ ۾ جاري اختيارن جي ڇڪتاڻ ۽ سياسي ڌرين ۾ جاري جنگ، خطرناڪ ملڪي معيشت واري بحران کان به وڏي بحران ۽ آزمائش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي ائين پيو لڳي ته هر ڪو پنهنجي سان ويڙهه ڪرڻ ۾ مصروف آهي سياستدان ته آهن ئي سهي جي ڪل پر هن عدليه ۽ ان جي اعليٰ ترين عهديدارن کي ڇا ٿي ويو آهي؟ جو پارليامينٽ کي قانون ٺهڻ کان پهريائين مرضي واري آئيڊيل بينچ جوڙي قانون سازي کان منع ڪري ڇڏجي؟ جڻ ته بهار جي موسم کي پابند ڪجي ته هن پيري گل نه ٽڙندا! سندن اهڙن فيصلن ۽ قدمن پارليامينٽ کي به طيش ڏياري مڪمل جنگ تي اپاري ڇڏيو آهي ائين پيو لڳي ته پارليامينٽ جيڪا سيني ادارن جي ماءُ آهي، اها ٻين سگهارن ادارن جو هڪ طرفو احترام ڪري ڪري هاڻي شايد بيزار ٿي پيئي آهي ان جي هر عمل کي سندس تخليق ڪيل اداري طرفان غير آئيني ۽ ناجائز قرار ڏيڻ سان تعظيم ۽ احترام جهڙا احساس اڳتي هلي عام سائل کان به وسرندا ويندا معاملو اتي اچي پهتو آهي ته سپريم ڪورٽ جا معزز جج عدالتي فيصلن ۾ "ون مين شو امپيريل ڪورٽ ۽ ڪاري چوغي ۾ منصف" جهڙا لفظ پنهنجي وڏي فيصلا ساز برادر ججن لاءِ لکڻ لڳا آهن ته پوءِ تعظيم ۽ توهين ۾ باقي ڪهڙو فرق بچي ٿو؟ هي ساڳيو اپريل جو مهينو آهي، جنهن جي 4 تاريخ تي آئين عطا ڪندڙ کي 44 سال اڳ ڦاهي ڏني وئي ۽ 50 سال اڳ هي آئين نافذ ڪيو ويو هو الائي چو هن ئي مهيني ۾ اعليٰ عدالتن لاڳيتا اهڙا فيصلا ڏنا آهن. جن تي صرف خان صاحب واري ڌر خوش آهي پر مهانگائي ماريل ماڻهو پنهنجي ۽ ملڪ جي مستقبل لاءِ وڌيڪ پريشان ٿي ويا آهن پنجاب ۾ 90 ڏينهن گذرڻ کان پوءِ 9 مان 3 بچيل جج حضرات تي ٻڌل بينچ اڃا به 90 ڏينهن اندر ئي چونڊ ڪرائڻ چاهي ٿي ۽ اطلاع مطابق گورنر اسٽيٽ بينڪ کي حڪم ڪيو ويو آهي ته فيڊرل ڪنسليڊيٽيڊ فنڊ مان سڌو سنئون اليڪشن ڪميشن کي فنڊ جاري ڪيا وڃن ڏسون هاڻي ڪير ٿو وڃي؟ سڪندر ۽ راجا پورس جي فوجن جي صفبندي مڪمل آهي خدا خير ڪري، ڪٿي هاٿين جي لتاڙ ۾ غريب پيادا نه ماريا وڃن هاڻي مشورو گهرجي ته آئين جي گولڊن جوبلي ملهايون يا ويهي ماتم ڪريون!؟

صوفيءَ سيرُ سِين ۾، جنهن رڱن ۾ ساهه؛
سا نه ڪري ڳالهڙي، جنهن پويون پروڙي پساهه؛
آهس اِيُ گناهه، جي ڪا ڪَري پَڌري

يونيورسٽيز پاران رزلٽ ڇو روڪيل آهن؟

غلام فريد سومرو

اسين جڏهن اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندا هئاسين ته هر سال باقاعدگي سان امتحان ڏيندا هئاسين ۽ مختلف بورڊز ۽ يونيورسٽيز پاران به هر سان پنهنجي ٽائيم ٽيبل مطابق رزلٽ انائونس ڪري ڇڏيندا هئا جنهن جي نتيجي ۾ شاگرد اڳتي نئين ڪلاسن ۾ داخلائون وٺندا هئا پر ڪجهه سالن کان بورڊز ۽ يونيورسٽيز پاران جاتي واٽي مختلف امتحانن جا رزلٽ روڪي نه فقط شاگردن جي مستقبل سان کيڏي رهيا آهن پر شاگردن جي اڳتي وڌڻ جي رجحان ۾ به بيريئر وجهي ان جي رستا روڪ ڪئي پيئي وڃي جڏهن ته رزلٽ روڪڻ جي ڪري ڪرپشن ڪري فيل ٿيل شاگردن کي پاس ۽ گريڊ نه ڪٽندڙ شاگردن کي پئسن عيوض اي ون گريڊ ڏيئي حقيقي شاگردن سان ناانصافي ڪئي ويندي آهي. اهڙي طرح ضلعي خيرپور ۾ قائم ٿيل شاه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ به اهڙي قسم جي ڪرپشن عروج تي پهتل آهي. شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور يونيورسٽي کان علاوه به سارين پرائيويٽ ڪاليجن کي مختلف قسم جا امتحان وٺڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي آهي اهڙن امتحانن ۾ اي ڊي (بي ايڊ) جو امتحان به شامل آهي سو گذريل سال بي ايڊ جي ورتل امتحان کان پوءِ يونيورسٽي انتظاميه هڳري ننڊ ۾ سمهي پيئي رهي آهي جڏهن ته حڪومت سنڌ پاران مختلف مرحلن نوڪرين جي ٽيسٽ ورتي پيئي وڃي ۽ اميدوار جيڪي نوڪري جي ٽيسٽ ته پاس ڪري چڪا آهن بي ايڊ جي رزلٽ نه اچڻ ڪري هو وڏي مونجهاري جو شڪار آهن پر پرائيويٽ ادارن جا مالڪ به اکيون بند ڪري سمهي رهيا آهن پر ڪير به واهر ڪرڻ وارو ڪونه آهي.

هن وقت شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور وٽ ڪيترن ئي امتحانن جي رزلٽ رڪيل آهي پر اتان جي انتظاميه فقط ان ڪري رزلٽ روڪي آهي ته جيئن پرائيويٽ ادارا خرچو پاڻي پهچائين جنهن کان پوءِ رزلٽ انائونس ڪري سگهجي جڏهن ته پرائيويٽ ادارن جا مالڪ به خاموش آهن سو وچ ۾ جيڪا ٻوڙي ٻڏي رهي آهي سو شاگردن جي ٻڏي رهي آهي سو ان باري ۾ جڏهن شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي انتظاميه سان رابطو ڪيو ويو ته انهن اهو چئي جواب ڏنو ته وقت اچڻ سان رزلٽ به آئوٽ ڪيو ويندو سو شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي اهي بي رخي جواب کان پوءِ شاگردن ۾ تمام گهڻي بي چيني پکڙجي ويئي آهي جنهن جي ڪري شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳي ويو آهي سو هن وقت سنڌ ۾ ماستري جي نوڪرين جا آفر آرڊر نڪري رهيا آهن ۽ اهي شاگرد جيڪي ماستري جا آرڊر فقط ان ڪري نه پيا حاصل ڪري سگهن ته انهن وٽ اي ڊي (بي ايڊ) جا سرٽيفڪيٽ ڪونه آهن سو سرٽيفڪيٽ ان صورت ۾ مهيا ڪري سگهندا جڏهن يونيورسٽي رزلٽ انائونس ڪندي سو اهڙي صورتحال کان پوءِ اميدوارن سخت بي چيني پکڙجي ويئي آهي ۽ اميدوارن پنهنجو مستقبل تباه ٿيندي نظر اچي رهيو آهي سو ان باري ۾ يونيورسٽي انتظاميه کي ايڪشن وٺڻ گهرجي سو ان باري ۾ اسين سنڌ سرڪار کي گذارش ڪنداسين ته هو سنڌ جي تمام يونيورسٽين کي ان ڳالهه جو پابند بڻائين ته هو مختلف امتحانن جا رزلٽ وقت سر ظاهر ڪن ته جيئن شاگردن کي اڳتي وڌڻ ۾ آساني پيدا ٿي سگهي.

بقايا 01 *

ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ ان ڳالهه جي به توثيق ڪئي وئي ته عسڪري قيادت کي چيلنجز جي مڪمل طور تي خبر آهي ۽ هو پاڪستان جي عوام جي حمايت سان گڏ پنهنجون آئيني ذميواريون نڀائڻ جو ارادو رکي ٿي. ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ اندروني ۽ ٻيروني خطرن خلاف قومي رد عمل جي مڪمل حمايت جي لاءِ هٿياربند فوج جي عزم جو اظهار ڪيو ويو ڪانفرنس ۾ چيو ويو آهي ته سيڪيورٽي فورسز مغربي سرحد وارن علائقن ۾ انٽيلجنس جي بنياد تي ڪارروايون ڪري رهي آهي. دهشتگردي جي لعنت کي مستقل بنيادن تي ختم ڪرڻ جي لاءِ سموري قوم ۽ حڪومت کي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 02 *

جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف جي شرطن ۾ آخري شرط دوست ملڪن کان چند ارب ڊالر آڻڻ هو، چين به مهينا اڳ اندازو لڳايو هو ته پاڪستان مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. "چين اسان جي ٻن بلين ڊالرن جي قرض رول اوور ڪري ڇڏيو هن چيو ته پرڏيهي وزير ۽ ناڻي واري وزير سان گڏ آرمي چيف به دوست ملڪن کان قرض جي شرط کي پورو ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. شهباز شريف چيو ته 2018 ع ۾ جهنڊو پوهارو لڪايو ويو. ماڻهن ن ليگ کي ووٽ ڏيڻ چاهيو پر اهي ٻئي طرف ويا، 2018 ع ۾ ڳوٺن ۾ فوري نتيجا اچڻ لڳا ۽ شهرن ۾ نتيجا اچڻ ۾ ڪيترائي هفتا لڳي ويا، جعلي اليڪشن 22 ڪروڙ عوام کان پاڪستان جو ترقياتي منصوبو ڪسي ورتو سندس چوڻ آهي ته 2018 ع کانپوءِ ڊي پي او ۽ ڊي سي جون بوليون گهرايون ويون. منهنجي دور ۾ ڪو به تصور نه ڪري سگهيو هو ته ڊي پي او جي آفيس لاءِ بوليون لڳنديون. لاهور ۾ نوازشريف جي قيادت ۾ جيڪي منصوبا ٺاهيا ويا اهي بيشمار آهن. سندس قيادت ۾ 2018 ع ۾ ويهه ويهه ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ختم ٿي. مسلم ليگ ن جي صدر چيو ته چئن سالن ۾ شاهدره کان ڪالا شاهه ڪاڪو تائين ميٽرو منصوبي جو ڇا ٿيو؟ 2018 ع کان ڪرپشن جي انتها ٿي آهي، پوليس اسٽيشنون وڪرو ٿي رهيون آهن، نواز شريف جي دور ۾ ڪرپشن جي خاتمي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو ويو، چئن سالن ۾ روڊ رستا تباهه ۽ صفائي جو نظام تباهه ٿي ويو خطاب دوران وزيراعظم مهانگائي جو اعتراف ڪندي چيو ته مهانگائي آهي، عام ماڻهو تنگ آهن، تنهن ڪري منت ۾ اٽو ڏيڻ جو بندوبست ڪيو اتحادي حڪومت سمجهي ٿي ته مهانگائي عوام جي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته اڄ جي صورتحال ۾ سادگي اسان جو ڊڪ هڻڻ گهرجي، مفت اٽي جي اسڪيم منهنجي زندگي جو سڀ کان خطرناڪ منصوبو هو، مون ڪڏهن به مفت اٽي جي اسڪيم جو نه سوچيو مان چاهيان ٿو ته مفت اٽي بدران گهٽ اگهه تي مفت اٽو ڏيان. پنجاب جي نگران وڏي وزير پاران مفت اٽو ڏيڻ جي تجويز ڏني وئي، 10 ڪروڙ ماڻهن تائين مفت اٽو پهچايو ويو آهي. پنجاب ۾ هڪ مهيني ۾ منت اٽو ڏيڻ تي 65 ارب رپيا لڳي ويا. شهباز شريف جو چوڻ آهي ته هتي اچي خوش ٿيو آهيان. ڪجهه مسئلن تي پريشان به آهيان، خوش آهيان چو ته پنجاب جو وڏو وزير ۽ سندس دوست ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ محنت ڪري رهيا آهن. جيڪا رفتار پنجاب ۾ ٿي آهي ان دور ۾ به ٿي آهي. نواز شريف نه ته گذريل حڪومت پنجاب ۾ جاري ترقياتي منصوبا بند ڪيا. وزيراعظم چيو ته فلائي اوور جي تعمير لاءِ 3 مهينن جو وقت ڏنو آهي، ڪالا شاهه ڪاڪو تائين ميٽرو پروجيڪٽ ورتو ويندو. 2018 کان اڳ اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار اسان جي منصوبن تي پابندي لڳائي هئي. هن ان سبب جي ڪري پابنديون لڳايون. پي ٽي آءِ جي درخواست تي اورنج لائن تي ڪيس 11 مهينن کان هلي رهيو آهي. ن ليگ ڪٿي ناهي. سندس چوڻ آهي ته ثاقب نثار پنهنجي ڪارروائي بڌي ۽ 8 مهينن تائين پنهنجو فيصلو نه ڏنو. چو؟ هن ڪو به فيصلو نه ڪيو چو ته جيڪڏهن منصوبو مڪمل ٿيو ته ن ليگ اڳواڻ ٿي ويندي هن اورنج لائين ٽرين منصوبي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو مسلم ليگ ن جي صدر چيو ته ان وقت جي چيف جسٽس ثاقب نثار 56 ڪمپنين تي پابندي لڳائي هئي، هن عوامي ڀلائي جي هر منصوبي تي پابندي لڳائي. نوازشريف ۽ منهنجي دور ۾ ترقي ۽ خوشحالي جو سفر هلي رهيو هو بدقسمتيءَ سان اسان جي حڪومت نوٽيس ورتو .

بقايا 03 *

فلور ملز بند ڪيون وينديون، ڪراچي مان اٽو ختم ٿي ويو آهي عيد تي اٽو اٿلپ ٿي ويندو.

بقايا 04 *

سخت زخمي ٿي پيا آهن پوليس موجب ڌاڙيلن پاران پوليس موبائيل تي حملي جي نتيجي ۾ اهلڪار صابر علي ۽ احد علي ڊومڪي شهيد ٿي ويا. ايس ايس پي عرفان سمون موجب ڌاڙيلن جي حملي ۾ ايس ايڇ او بخشاپور ٽاٽو گل محمد مهر سميت 4 پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا آهن جن کي رحيم يارخان اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 05 *

ناهي، اهو اڃا لاڳو ناهي ٿيو عدالت بنا ٻڌڻ جي ان کي رد ڪري ٿي، رجسٽرار جي بدلي جو معاملو انتظامي آهي ان تي عمل نٿو ٿئي. عدالت اليڪشن ڪميشن جي اختيارن تي قبضو ڪيو آهي. شيڊول عدليا پئي جاري ڪري، ڇا اسين جانور آهيون جو جيڪو چاهيو اجلائيندا اهو ڪائيو ايئن نه ٿيندو هي ته عدالتي مارشل لا آهي. هن چيو ته اسين جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، يقين آهي ته پارليامينٽ کٽنيدي، عوام کٽيندو عوام اسان سان گڏ آهي. هڪ سوال تي هن چيو ته پي ٽي آءِ سان ڳالهين بابت پيپلز پارٽي جو موقف هنن جو آهي، اسانجو موقف ڪليئر آهي، اسان سان اڃان ڪو رابطو ناهي ٿيو

بقايا 06 *

اڄ وفاقي ڪابينه جو اجلاس طلب ڪيو هو پر هاڻ رپورٽون اچي رهيون آهن اڄ ٿيندڙ اجلاس کي ملتوي ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف جي لاهور ۾ مصروف هجڻ سبب وفاقي ڪابينه جو اجلاس ملتوي ڪيو ويو اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ طرفان اسٽيٽ بينڪ کي ڏنل هدايتن تي جائزو وٺڻو هو جڏهن ته موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي اهم فيصلا ٿيڻ جو امڪان هو

بقايا 07 *

ڪاروباري ۽ سياسي شخصيتن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي شاهد خاقان عباسي ۽ مفتاح اسماعيل حاضرين جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا. هوڏانهن اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته اڳ چونڊون اسان جا مسئلا حل ڪنديون هيون، پر هاڻي اختلاف ان حد تائين وڌي ويا آهن جو چونڊن سان اسان جا مسئلا حل ٿيندي نظر نه ٿا اچن هن چيو ته ملڪي قيادت کي عوامي مسئلن سان ڪا به پرواهه ناهي، موجوده صورتحال ۾ چونڊن سان به حالتون بهتر ٿيندي نظر نه ٿيون اچن. اڄ ملڪ ۾ بي مثال مهانگائي آهي، عدالتن جا ڪجهه فيصلا ملڪ جي معاشي حالتن تي به اثرانداز ٿين ٿا، مثال طور ريڪوڊڪ ڪيس ۾ ملڪ کي اربين ڊالرن جو نقصان ٿيو شاهد خاقان چيو ته هن وقت نيب ڪرپٽ ترين ادارو آهي، نيب جي ڪري ملڪ کي جيترو نقصان ٿيو آهي اهو ڪنهن ٻئي اداري نه پهتو آهي. ان موقعي تي اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو ته اڄ ملڪ جي معاشي صورتحال خراب آهي، ٻهراڙين ۾ کاڌي پيتي جي شين جي مهانگائي جي شرح 50 سيڪڙو ۽ شهري علائقن ۾ 47 سيڪڙو آهي، پاڪستان ۾ 60 سيڪڙو ماڻهن جي آمدني آهي. 35 هزار رپين کان وڌيڪ ناهي، هاڻي صورتحال اها آهي ته وچولي طبقي کي به پنهنجا خرچ پورا ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن. هن چيو ته هاڻي سعودي عرب کان به ارب ڊالر ۽ ڪنهن کان وڌيڪ پئسا وٺڻ سان ڪم نه ٿيندو، هاڻي اسان کي قوم بڻجي سوچڻو پوندو، اهڙي قسم جا مسئلا حل نه ٿيندا.

بقايا 08 *

اڪرن موجب ملڪ ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا وائرس جا 5 هزار 478 ٽيسٽ ڪيا ويا جن مان 67 ڄڻن جا ٽيسٽ مثبت آيا. اهڙي طرح مثبت ڪيسز جي شرح 1.22 سيڪڙو رهي. ان دوران ڪورونا وائرس وگهي هڪ مريض فوت ٿيو جڏهن ته 15 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. ملڪ جي مختلف شهرن ۾ 24 ڪلاڪن دوران ڪيل ڪورونا ٽيسٽ ۽ مثبت ڪيسز جي حوالي سان لاهور ۾ 325 ماڻهن مان 6 جا ٽيسٽ مثبت آيا ۽ اتي مثبت ڪيسز جي شرح 1.85 سيڪڙو رهي. ڪراچي ۾ 655 ماڻهن ۾ 56 جا ٽيسٽ مثبت آيا ۽ اتي به مثبت ڪيسز جي شرح 8.55 سيڪڙو رهي ۽ اسلام آباد ۾ 404 مان هڪ ٽيسٽ مثبت آيو ۽ شرح هڪ سيڪڙو رهي.

بقايا 09 *

ڪري رهيو آهي ته جيئن نائين اقتصادي جائزي جي ڪاميابي لاءِ رستو پيدا ٿي سگهي

بقايا 10 *

عمران خان جي حمايت طور نه ڏنو وڃي. آمريڪي صحافين سان ڳالهيون ڪندي ڪانگريس جي ميمبر بريڊشرمين چيو ته عمران خان فون تي ٻڌايو ته هو آمريڪا جو مخالف نه آهي. فون تي ڳالهه ٻولهه دوران عمران خان چيو ته هو قانون جي حڪمراني تي يقين رکي ٿو بريڊ شرمين چيو ته پاڪستان ۾ سپريم ڪورٽ چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو ان وقت جاري ڪيو هو جڏهن منهنجي ۽ عمران خان وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي. سوشل ميڊيا تي ماڻهو چئي رهيا آهن ته آمريڪي پرڏيهي وزير بلنڪن ڏانهن لکيل منهنجو خط ڪي عمران خان جي حمايت ۾ آهي. آمريڪي پرڏيهي وزير کي لکيل منهنجي خط کي عمران خان جي حمايت طور نه ڏٺو وڃي بريڊ شرمين چيو ته عمران خان پنهنجي حڪومت ڪيرائڻ جو الزام آمريڪا تي لڳايو هو مون عمران خان جي موقف تي تنقيد ڪئي هئي، مون کي لڳي رهيو هو ته اهو سچ نه آهي. عمران خان پنهنجن الزامن جو ڪو به ثبوت پيش ناهي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته اهو به چٽو ظاهر ٿي ويو آهي ته عمران خان جي حڪومت ڪيرائڻ لاءِ ڪانگريس طرفان ڪا به رقم ناهي ڏني وئي. عمران خان جي حڪومت واري دور ۾ به پاڪستان ۾ ٿيندڙ انساني حقن جي ڀڃڪڙي ۽ پرڏيهي پاليسي تي تنقيد ڪئي هئي.

بقايا 11 *

2019 جي پلوامه حملي جي خبر هئي. جمون ۽ ڪشمير جي اڳوڻي گورنر نشرياتي اداري "دي وائر" کي ڏنل انٽرويو ۾ چيو ته پلوامه ۾ مودي جان بوجهه ڪري ڀارتي فوجين کي بچائڻ بدران مرڻ ڏنو ۽ ملبو پاڪستان تي اڇلايو هن چيو ته پلوامه ڊراما ٺاهڻ جو مقصد صرف بي جي پي کي چونڊن ۾ فائدو ڏيڻ هو اڳوڻي گورنر چيو ته جڏهن هن ڳالهايو ته مودي حڪومت ڪيس ڪاربيٽ پارڪ مان ٻاهر سڏيو ڀارتي وزيراعظم مودي ۽ قومي سلامتي جي صلاحڪار اجيت ڊول کيس خاموش رهڻ لاءِ چيو ستيا پال ملڪ آگسٽ 2019 ۾ آرٽيڪل 370 جي خاتمي دوران هندستان جي قبضي واري جمون ۽ ڪشمير جو آخري گورنر هو

بقايا 12 *

بيان ۾ ٻڌايو ته علي زيدي کي ڪراچي مان گرفتار ڪيو ويو آهي، ڪيس پي ٽي آءِ سنڌ جي آفيس مان گرفتار ڪيو ويو علي زيدي جي ترجمان چيو ته پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر کي پوليس اهلڪار پاڻ سان گڏ وٺي ويا. پي ٽي آءِ سنڌ جي ترجمان آفيس تي ڇاپي ۽ صوبائي صدر جي گرفتاري جي مذمت ڪندي چيو ته علي زيدي پي ٽي آءِ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ تنظيمي عهديدارن سان ملاقات ڪري رهيو هو پوليس اهلڪارن علي زيدي کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو ترجمان دعويٰ ڪئي ته پوليس اهلڪار ويندي ويندي آفيس ۾ موجود ڪجهه ماڻهن جون موبائل فونز به کڻي ويا.

بقايا 13 *

اغوا جو ڪيس خارج ڪري ڇڏيو وڪيل سيد قمبر علي شاهه مهرن خلاف پنهنجي ڀائيٽي فدا عباس شاهه جي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو هو پوليس پاران ڪي به شاهدين نه ملڻ واري رپورٽ جمع ڪرائڻ بعد عدالت ڪيس خارج ڪري ڇڏيو

بقايا 14 *

شيخ رشيد جي بيان تي رد عمل ڏيندي قادر پٽيل چيو ته اڳوڻو صدر آصف علي زرداري پنهنجن دوستن کي تڪليف ۾ نه وجهي. هن چيو ته شيخ رشيد قلنگاريءَ مان نڪرندي ئي پنجين دروازي کان خيرات وٺڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. قادر پٽيل جو چوڻ آهي ته سياسي اڳواڻ خطرن جو داستان نه ناهي ان کي گهر ۾ لڪائين.

بقايا 15 *

ديدار بوهڙ، سندس ڌيئرن عقيلان ۽ انيلا کي زخمي ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا، جن کي علائقي واسين ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪنائي لاڙڪاڻي شهر جي چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي ۾ آندو، جتي ڊاڪٽر پاران مائي ساجده عرف ٻيبي ۽ سندس ڌيءُ عقيلان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي، جڏهن ته ناري انيلا جو علاج هلندڙ آهي.ان موقعي تي واقعي ۾ محفوظ بچيل مقتولا عورت جي پٽ جميل بوهڙ صحافين کي ٻڌايو ته اسان قمبر سيشن ڪورٽ مان حاضري تان ڪار ۾ سوار ٿي واپس اچي رهيا هئاسين ته رستي ۾ باءِ پاس تي سڳاوتي معاملي تان بااثر چاچن احمد علي بوهڙ، رحمت علي، ميرل بوهڙ ۽ ٻين اسان جي گاڏي مٿان فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ منهنجي امڙ ساجده عرف ٻيبي ۽ ڀيڻ عقيلان قتل ٿي ويون جڏهن ته ٻي ڀيڻ انيلا زخمي ٿي پئي آهي، جڏهن ته فائرنگ دوران آءُ معجزاتي طور محفوظ رهيس. هن چيو ته منهنجي والد ديدار علي بوهڙ جو ذهني توازن درست نه آهي، جنهن ڪري بااثر چاچا اسان سان ظلم ڪندا رهندا آهن. اڄ ته هنن مونکي يتيم ڪري ڇڏيو آهي. هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ ڪين گرفتار ڪري امڙ ۽ ڀيڻ جي قتل جو ڪيس داخل ڪري سزا ڏئي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 16 *

ملڪ چيو ته عدليه جيڪڏهن آئين ناهڻ چاهي ٿي ته پارليامينٽ ۾ اچي مملڪتي وزير وڌيڪ چيو ته آئين ۾ اهو واضح ناهي ته سمورين اسيمبلين جون چونڊون هڪ ئي ڏينهن ٿينديون. مصدق ملڪ چيو ته عدليه جي ڇئن ججن چيو ته چونڊن بابت سوموٽو نٿو وٺي سگهجي، ٻن ججن لکيو ته اهو چار ۽ ٽن جو فيصلو آهي

بقايا 17 *

جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيم ٽي ٽي پي ۽ القاعده سان آهي، سندن گرفتاريون ملتان، راولپنڊي ۽ سرگوڌا مان ڪيون ويون. هن چيو ته جوابدارن وٽان ڌماڪيدار مادو هٿيار ۽ خودڪش ويسٽ ناهڻ جو سامان هٿ ڪيو ويو آهي. دهشتگردن خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ ڪئي پئي وڃي. سي ٽي ڊي جي عملدارن جو چوڻ آهي ته هلندڙ هفتي 419 ڪومبنگ آپريشن ڪري 94 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا 18 *

جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي ،عدالت روپوش جوابدارن جا هل پيرو پيهر ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن .عدالت جوابدار ظهير ،شبير ۽ نوربي بي سميت ٻين جي فردجرم لاڳو ڪرڻ جي لاءِ 6مئي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 19 *

کي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا 20 *

ته موجوده صورتحال ۾ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ ضروري آهي، معاشي استحڪام لاءِ فيصلائتي قدمن جي ضرورت آهي هن چيو ته مٿا سٿا جي شرح کي برقرار رکڻ به ضروري آهي ته جيئن ڪنهن به پرڏيهي جهٽڪي کان بچي سگهجي، جهاد آذر چيو ته نظر ثاني نه ڪئي وڃي، مهانگائي کي منهن ڏيڻ ترجيح هجڻ گهرجي، آءِ ايم ايف پروگرام ڪانسواءِ به پاڪستاني عوام ۽ معيشت لاءِ مناسب مٿا سٿا جي شرح تي واپار ۽ برآمدات اهم آهن.

بقايا 21 *

جو بيان رڪارڊ ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس جي ٻڌڻي 29 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏيام رباب چانڊيو، ايم پي اي سردار چانڊيو، برهان چانڊيو ۽ ٻيا عدالت ۾ پيش ٿيا عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ام رباب چيو ته 6 مهينن ڪانپوءِ فريادي جو بيان رڪارڊ ٿيو آهي، عدالت مان انصاف جي اميد آهي، سردارن ۽ جاگيردارن جا حوصلا ٻڌائين پيا ته هنن جي شڪست ويجهو اچي چڪي آهي، اميد آهي ته فيصلو مظلومن جي حق ۾ ايندو

بقايا 22 *

گڏجي هن صوبي لاءِ ڪم ڪنداسين، هي شهر، نوجوان اسان سان گڏ آهن سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري 24 هين سحري ڪرڻ لاءِ ڪراچي جي گارڊن شو مارڪيٽ پهتو جتي شهرين سندس شاندار استقبال ڪيو سحري ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي گورنر سنڌ چيو ته منهنجو ڪو سياسي ايجنڊا ناهي، سحري ۽ افطار جو مقصد ماڻهن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ آهي هن چيو ته 1947 ع کانپوءِ پهريون ڀيرو عوام کي عزت ۽ پيار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، مون عوام لاءِ پڪڙا ناهيا آهن ۽ هاڻي عوام جو مذاق اڏايو پيو وڃي. هن چيو ته مان عوام جي وچ ۾ ويندس ۽ هن شهر کي مثالي بڻائيندس. سنڌ جي گورنر وڌيڪ چيو ته شهر جا روڊ رستا ٽٽل آهن، اختيارين کان مطالبو ٿو ڪريان ته ٽٽل روڊن جي فوري مرمت ڪئي وڃي.

بقايا 23 *

جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي منصوبي تي تعميراتي ڪم کي جاري رکڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون وڃن ٽربيونل چيو ته ملير ايڪسپريس وي جي تعمير دوران ماحول کي نقصان نه پهچايو وڃي ٽربيونل ماحولياتي بهتري ۽ خطرن کان بچاءَ لاءِ گريڊ 20 جي آفيسر جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ڪميٽي کي هر مهيني روڊ ۽ پروجيڪٽ جو دورو ڪري رپورٽ تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو اهو ڏسڻ گهرجي ته ترقياتي ڪمن دوران ڪو به ماحولياتي خطرو ناهي، ٽربيونل هدايتن موجب منصوبي کي جاري رکڻ جو حڪم ڏئي ٿو

بقايا 24 *

اعتزاز احسن چيو ته سياسي پارٽيون هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ آهن. هن چيو ته هاڻي خبر پئي آهي ته بينچ جي جوڙجڪ کي ڏسي ٻڌائي سگهجي ٿو ته فيصلو ڪهڙي طرف ٿيندو اعتزاز احسن چيو ته جيڪڏهن ادارا تڪليف ۾ آهن ته اسان کي سوچڻو پوندو، هن چيو ته سياسي معاملا عدليه ۾ داخل ٿي ويا آهن. سياسي معاملا پارليامينٽ ۾ رهڻ گهرجن. اعتزاز احسن چيو ته عدليه ۾ ڇڪتاڻ اچي وئي آهي ۽ اها ڇڪتاڻ ان حد تائين پهچي وئي آهي جو گڏجي ڪم ڪرڻ ممڪن ناهي. هن چيو ته هي معاملو انتهائي سنگين ٿي ويو آهي. جڏهن عدليه آئين جي تشريح ڪري ٿي ته پارليامينٽ ترميمون آڻيندي آهي. جڏهن پارليامينٽ ترميم ڪري ٿي ته عدليه ان جي تشريح ڪرڻ شروع ڪري ٿي چونڊن بابت هن چيو ته آئين چوي ٿو ته چونڊون 90 ڏينهن اندر ٿيڻ گهرجن. جيڪو به عدليه جي فيصلي تي عمل نه ڪندو ان کي نااهل ڪيو ويندو اعتزاز احسن چيو ته سپريم ڪورٽ جي فيصلن تي عمل ٿيڻ گهرجي.

بقايا 25 *

لڳ انڊس هاءِ وي مزاري بخت پيٽرول پمپ وٽ موٽر سائيڪل سوار مٿان تاڙ ۾ ويٺل هٿيار بندن سڌي فائرنگ ڪري ڏني، گوليون لڳڻ ڪري 58 ورهين جو قادر بخش بوڏوائي ڏڏي تي قتل ٿي ويو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تعلقه اسپتال روجهاڻ منتقل ڪري ڇڏيو ٻئي پاسي پوليس پاران ڌوهارين خلاف مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن، آخري اطلاع تائين نه ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي جڏهن ته واقعو زمين جي مالڪي تان پيش آيو آهي

بقايا 26 *

جو چيئرمين سميت 9 ميمبر حصو آهن. ڪميٽي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. ڪميٽي 14 ڏينهن ۾ معاملي تي رپورٽ تيار ڪندي. ڪميٽي ذميوارن جو تعين ڪندي، ايس ايس پي سينٽرل، ڊائريڪٽر SBCA، نارٿ ڪراچي ايسوسيئيشن جو نمائندو شامل آهن.ڊائريڪٽر سول دفاع، اين اي ڊي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ سميت انصاف هيلپ لائن جي نمائندن شرڪت ڪندا.ڪميٽي باهه لڳڻ جي سبب، عمارت جي جاچ، عمارت ۾ باهه وسائڻ وارن اوزارن جي موجودگي بابت رپورٽ پيش ڪندي. رپورٽ تيار ڪئي ويندي جنهن تي فائر فائٽر ريسڪيو آپريشنز ۾ ايس او پيز تي عمل ڪيو ويو

بقايا 27 *

پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري تي عمران خان کي قتل جي سازش جي الزام بابت بيان تي عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد خلاف فرد جرم جي ڪارروائي پيهر ملتوي ٿي وئي آهي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ شيخ رشيد خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. جنهن ۾ سندس وڪيلن طرفان هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيل ڪيسن جي ڪاپي جمع ڪرائي وئي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ معاملو ٻڌڻي هيٺ هجڻ تي عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 3 جون تائين ملتوي ڪري ڇڏي جنهن تي شيخ رشيد خلاف فرد جرم جي ڪارروائي پيهر ملتوي ٿي وئي. شيخ رشيد اڄوڪي ٻڌڻي ۾ پنهنجن وڪيلن نعيم پنجوٿه سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو جوڊيشل مئجسٽريٽ عباس شاهه جي آڏو شيخ رشيد جي وڪيل ٻڌايو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ٿيل آهن هاءِ ڪورٽ جو فيصلو اچڻ کان اڳ ٻڌڻي ملتوي ڪئي وڃي. ياد رهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شيخ رشيد خلاف داخل 2 ڪيسن ۾ 31 مئي تائين ڪارروائي روڪڻ جي حڪم ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 28 *

ڪئي وئي ته ان کي برداشت نه ڪيو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ڪراچي چڙيا گهر ۾ بيمار هاٿي نورجهان جي سار سنڀال جي دوري جي موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون ڏيندي ڪيو. ان موقعي تي وڏي وزير جو خاص مددگار فراز لاکاڻي، وڏي وزير جو ڪوآرڊينيٽر شهزاد ميمڻ، ايم سي ڪي ايم سي، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ ٻيا آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا. ان موقعي تي مڪاني ادارن واري صوبائي وزير چيو ته مان اڄ خاص طور تي بيمار هاٿي نورجهان کي ڏسڻ آيو آهيان، حالت اڃا به ڳڻتي جوڳي آهي، زو انتظاميه هاٿي کي آءِ سي يو مريض قرار ڏنو آهي. هن چيو ته هاٿي جي سنڀال لاءِ لائيو اسٽاڪ کاتي تي ٻڌل 7 رڪني ٽيم جوڙي وئي آهي ۽ عالمي اداري فورپاز کان ڊاڪٽرن جي ٽيم کي ٻيهر اچڻ جي درخواست ڪئي ويندي. سنڌ جي بلديات واري وزير ناصر حسين شاهه ڊائريڪٽر زو ڪنور ايوب کي ٽيليفون تي ٻڌايو ته دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ مان دوائون يا ماهر تُرت گهرايا وڃن، نورجهان جي علاج لاءِ فنڊن جي ڪا به کوٽ ناهي، ان ڪري ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. صوبائي وزير چيو ته اسان 24 ڪلاڪ هاٿي جي سار سنڀال ڪري رهيا آهيون ۽ انٽرنيشنل ڊاڪٽر سان رابطي ۾ پڻ آهيون، دوائن يا ڪنهن به شيءِ جي کوٽ ناهي، شڪايت تي اڳوڻي ڊائريڪٽر کي هٽايو ويو ناصر شاهه چيو ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جي نياڻين آصفه ڀٽو ۽ ٻيبي بختاور ڀٽو پاران هاٿي جي سنڀال لاءِ هدايتون ڪيون ويون آهن. هن چيو ته ڪجهه سال اڳ زو جي صورتحال مختلف هئي ۽ هاڻي صورتحال بهتر آهي. ناصر شاهه چيو ته سنڌ حڪومت جو فرض آهي ته ڪنهن به کوٽ کي جلد پورو ڪري. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزن ۾ مڪاني چونڊون ٿي ويون آهن. هن چيو ته اسان ڪڏهن به مارشل لا جا حامي نه آهيون بلڪ اسان جمهوري ماڻهو آهيون. آصف زرداري جنرل باجوه کي جيڪو ڪجهه چيو هو درست چيو ملڪ ۾ بدامني ۽ ڏڦيڙ جو ذميوار عمران خان آهي. عمران خان پنهنجي ذاتي انا کي پورو ڪرڻ چاهي ٿو. عمران خان انتشار پکيڙڻ لاءِ اسيمبليون ٽوڙي ڇڏيون. هن چيو ته موجوده وفاقي حڪومت کي ڏکيا فيصلا ڪرڻا پيا آهن. ڪين سياسي ڪيريئر داءَ تي لڳل آهي. هن چيو ته جيڪڏهن اسان ڏکيا فيصلا نه ڪيا ته ملڪ تباهه ٿي سگهي ٿو

بقايا 29 *

جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو علي امين گنڊاپور کي صدر ڀکڙ پوليس حوالي ڪيو ويو جنهن کان پوءِ پوليس ڪيس عدالت مان ڪٽي روانو ٿي ويو عدالت ڀکڙ پوليس کي 3 ڏينهن دوران جاچ مڪمل ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 18 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن ڀکر جي مقامي عدالت علي امين گنڊاپور کي 3 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو هو علي امين گنڊاپور ڀکر ۾ داخل ڪيسن لاءِ عدالت ۾ پيش ٿيو غيرقانوني هٿيارن جي ڪيس ۾ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ کي ڊسچارج ڪري ڇڏيو جڏهن ته سراءِ مهاجر ۾ داخل ڪيسن ۾ مئجسٽريٽ جي عدالت علي امين گنڊاپور کي 3 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 30 *

جي ڪوشش ڪندڙن مان هڪ شخص ڪي ڊي سي چمات وهائي ڪيڏي، جنهن جي وڊيو پڻ ٽائيم نيوز هٽ ڪري ورتي آهيدي سي جي هدايت تي پوليس سرڪاري زمين تي قبضي جي الزام هيٺ نواز باغي ۽ بابو بجير کي گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا سنڌيار 01

۽ ٻين چيو. ھن پلاٽ تي سالن کان آباد آھن. بااثر ماڻھن رات جي وقت پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آھي. پوليس رات جي وقت اسان جي گھرن ۾ داخل ٿي اسان کي تنگ ڪري رھي آھي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 02

ڏڪ سنڌ حڪومت ڪڻڪ جو اگھ 4000 هزار في مڻ مقرر ڪيو هو ت واپارين 4100 چار هزار هڪ سئو ۾ خريد ڪري رهيا ها ڪڻڪ خوراڪ ڪاتي کي ڏيڻ بدران آبادگار واپارين ۽ فلور ملز مالڪان کي ڏئي رهيا ها ڪڻڪ خوراڪ ڪاتي کي آباد گار ڏيڻ بدران لڪائي چڏي هئي اچانڪ سنڌ حڪومت اٿي جو بحران پيدا ٿيڻ کان اڳ يوٽرن وٺندي ڪڻڪ جو ريٽ 3000 هزار مقرر ڪري نوٽيفڪيشن جاري ڪري چڏيو آهي جنهن تي خوراڪ ڪاتي جي ڊپٽي ڊاريڪٽر سکر قريب الله سومرو ان ڏس ۾ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ت بلڪل 3000 هزار سنڌ حڪومت ۽ خوراڪ ڪاتي جي گڏجاڻي ۾ نيو ريٽ طءِ ڪيو ويو آهي جنهن تي عمل سومر کان وٺي ڪرايو ويندو پراڻو ريٽ چار هزار هو هاڻي ڪنهن ب واپاري يا آبادگار جي ڪڻڪ پڪڙي وءِ ت ان کي ,7500 رپين سان اگ ڏنو ويندو

بقايا سنڌيار 03

ڪيو ويو جوابدار ارشاد ولد لعل بخش ميرجت آصف ولد لعل بخش ميرجت ذالفقار ولد لعل بخش برهماڻي منهنجي امڙ کي قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن ڊاڪٽرن پاران فوت ٿيڻ جي تصديق ڪيي وارثن پاران فوتي کي گھر پهچايو ويو لاش پهچڻ تي سندن ڪهرام متل آهي مقتولا عورت ڪي تي پٽ ۽ 6 نياڻين جو اولاد آهي ، واقعو 3 سال پراڻي تڪرار تان پيش آيو آهي ، وارثن جي فرياد موجب ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 04

لاءِ ستين ڏينهن تي ب مانجهند ۾ ديدار ميمڻ جي فرزند ارسلان ميمڻ حاجي محمد سليم ميمڻ، گوتم چنا يوسف عمراڻي، ۽ لڪي شاھ صدر ۾ سيد منظر شاھ لڪياريءَ جي اڳوائيءَ ۾ احتجاجي مظاھرو ڪري مبينا غفلت ڪندڙ ڊاڪٽر عزيز لغاري خلاف چتي نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ت ڊاڪٽر عزيز لغاريءَ جي غفلت سبب مانجهند هڪ اھڙي ماڻھو کان محروم ٿي ويو آھي جنهن صدين تائين خال نٿو پرجي سگهجي، ھنن چيو ت جڏھن صحت نجي ڪاروبار بڻجي وڃي ت ڊاڪٽر وڏا بيرحم ٿي مريضن جي حياتيءَ سان کيڏن ٿا، ڪين ان ڳالھ جي پرواھ ئي ناھي ھوندي ت سندن غفلت سبب ڪيترين حياتيون سوڳوار ٿينديون ۽ پوئينرن جو ڪھڙو نقصان ٿئي ٿو، ھنن جو مقصد رڳو پئسا ڪمائڻ آھي، ھنن چيو ت مانجھند تعلقي جي ھزارين ماڻھن جي احتجاج کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي، اڄ وارثن جي اعلاڻيل حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاج جي مختلف مڪتب فڪر ماڻھن پاران حمايت ڪري احتجاج ۾ شرڪت ڪرڻ جو يقين ڏياري انصاف ٿيڻ تائين ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪيو ويو آھي

بقايا سنڌيار 05

حسن علي مگسي ڳري رشوت عيوض معطل ٽيلن کي انچارج مقرر ڪري ھيھر ڪڻڪ خريداري ڪرڻ جا زباني حڪم جاري ڪري چڏيا ڪراچي ملز ايسوسيئيشن جي احتجاج بعد خوراڪ ڪاتي دادو طرفان ڪڻڪ جي في ٽرڪ اسمگلنگ جي قيمت 2 لک روپيا مقرر ڪئي وئي آھي ڪڻڪ اسمگلنگ ۾ ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر حسن علي مگسي جو ويجھو رشتيدار اسرار مگسي دلشاد سومرو انسپيڪٽر منورعلي ورڪ انسپيڪٽر سليم مگسي ، انسپيڪٽر شعيب مگسي ، ۽ ٻيا شامل آھن اينٽي ڪرپشن سميت قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ اعلي اختيارين خاموش تماشائي ياڳي پائيوار بٽيل سول سوسائٽي ۽ شھرين پاران نوٽيس سميت خوراڪ ڪاتي جي ڪرپٽ ڪامورن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آھي

بقايا سنڌيار 06

خان مھر خلاف نوجوان فدا عباس شاھ جي اغوا جو داخل ڪيل ڪيس خارج ڪرڻ جو حڪم ڏئي چڏيو آھي گڏ ڪيل چاڻ موجب گھوٽڪي فرسٽ جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ چاٽايل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جنھن ۾ مھرگروپ جي طرفان وڪيل فيض مھر، جمشيد محمد اسماعيل مھر، ممتاز مھر ۽ ٻيا پيش ٿيا جڏھن ت فريادي ڌر پاران ايڊوڪيٽ قمبر علي شاھ ڪاظمي پڻ پيش ٿيو. ڪيس جي ٻڌڻي دوران گھوٽڪي پوليس رپورٽ پيش ڪندي چاٽايو ت اھڙي قسم جو ڪو ب واقعو پيش ناھي ٿيو. پوليس جي اھڙي رپورٽ بعد عدالت ڪيس سي ڪلاس ۾ خارج ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي چڏيو. ياد رھي ت گھوٽڪي جي وڪيل قمبر شاھ ڪاظمي پاران گھوٽڪي ٿاڻي تي پنھنجي پائٽي فدا عباس شاھ جي اغوا جي ايف آءِ آر مھرگروپ اڳواڻ ۽ جي ڊي اي، ايم پي اي علي گوھرمھر، ايم پي اي علي نواز عرف راجا خان مھر، اڳوٽي ضلعي چيئرمين حاجي خان مھر، سميت ويھ چڻن خلاف داخل ڪرائي ھئي، جنھن کي عدالت خارج ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي چڏيو، ھوڏانھن فرياد قمبر شاھ ڪاظمي پاران فيصلو سکر ھائي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آھي

بقايا سنڌيار 07

پيش ٿيا فريادي ۽ جوابدار ڌر جا وڪيل ب عدالت پھچي ويا ڪيس جي فريادي پرويز چانڊيو جو بيان رڪارڊ ڪيو ويو . جوابدارن جي وڪيلن پاران فريادي جي جرح ڪئي وئي ام رباب چانڊيو جي گھرياتين جي ڪيس جي ٻڌڻي 29 اپريل تائين ملتوي ڪئي وئي آھي

بقايا سنڌيار 08

شخص قورو سمجھي اختر کي قتل ڪيو ۽ پاڻ اتان فرار ٿي ويو ان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ ھو ت جاچ بعد معلوم ٿيو آھي ت نوجوان اختر پنھنجي 2 دوستن سان موٽر سائيڪل تي وڃي رھيو ھو ت متن فائرنگ ڪئي وئي اسماعيل نالي ھمراھ موٽرسائيڪل سوارن کي قورو سمجھي متن فائرنگ ڪري ڏني جنھن ۾ نوجوان اختر مارجي ويو جڏھن ت سندس 2 ساٿي محفوظ رھيا مارجي ويل اختر ۽ سندس ساٿي ڪرڪيٽ جا رانديگر آھن ھن جو وڌيڪ چوڻ ھو ت فائرنگ ڪندڙ شخص جي سڃاڻپ اسماعيل طور ٿي آھي جيڪو فرار ٿي ويو آھي پسٽل ھٿ ڪيو ويو آھي جوابدار اسماعيل جي گھر تي ڇاپو ھنيو ھو پر ھو ھٿ نہ اچي سگھيو آھي مٿس قتل جو ڪيس داخل ڪري ڳولا شروع ڪئي وئي آھي

بقايا سنڌيار 09

ويا. اھڙي اطلاع تي سجاول پوليس پھچي لاش کي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ ڪٽائي سول اسپتال سجاول آندو ويو. اھڙي افسوسناڪ واقعي جو ٻڌي پالاري برادري جا ماڻھو وڏي انگ ۾ اسپتال پھچي ويا. ڊاڪٽرن فوتي جي لاش کي پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو. مقتول جي وارثن پاران اھڙي واقعي خلاف لاشاري برادري جي سوين ماڻھن سجاول لڳ برانچ موري تي لاش رکي قومي شاھراھ کي ٻنھي طرفن کان رڪاوٽون وجھي روڊ بلاڪ ڪري جوابدارن جي گرفتاري خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي. احتجاج بعد سجاول ٺٽو روڊ ٻنھي طرفن کان بند ٿي ويو جنھن جي نتيجي ۾ ٻنھي طرفن کان ھزارين گاڏيون بيھجي ويون. ان موقعي تي فوتي جي پيءُ پيارو پالاري، سومار پالاري، خميسو پالاري ۽ ٻين چيو ت اسان جو پيءُ مال جو واپار ڪري پنھنجي ٻچن جو گذر سفر ڪندو ھو. اسان جي ڪنھن سان ب ڪا ب دشمني ڪانہ ھئي ظالمن مال جي واڙي تي سُتل اسان جي پيءُ علو پالاري کي چرين جا وار ڪري بيدري سان قتل ڪري 2 لک روپيہ ڪٽي فرار ٿي ويا آھن. پر پوليس اڃاتائين اسان سان تعاون نہ ڪيو آھي. ھنن ايس پي سجاول آئي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد کي مطالبو ڪندي چيو ت اسان جي ڪونڌر پيءُ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. 3 ڪلاڪ گذرڻ بعد پاشا شاھ شيرازي ڌرڻي تي پھچي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ خاطري ڪرائي اھڙي آسري تي وارثن روڊ کولي ڌرڻو ختم ڪرايو.

بقايا سنڌيار 10

۽ وڏي منشي شفيع محمد ملاح اسان سان ناجائزي ڪئي آھي 2 ڏينھن پيٽرول پمپ کان اسان جي چوڪري جي ون ٽو فائي ھئي ۽ ڪنڊيارو واسين جي ڪار روڊ کان ھيٺ لھي وئي ڏوھ بہ ڪار وارن جو ھيو پر پوليس اڄ ٿاڻي تي گھرائي مون ۽ منھنجي پٽ دلدار کي لاڪپ ڪيو ۽ سخت گارگند ڪئي ۽ مون کي چڏي ڏنو ۽ منھنجي پٽ کي اڃان تائين گرفتار ڪري لاڪپ ڪري چڏيو آھي منھنجي پٽ وٽ 10 ھزار روڪ آئي فون ون ٽو فائي گاڏي بہ پوليس وٽ آھن ھنن ايس ايس پي نوشھروفيرو ڊي آءِ جي شھيد بينظير آباد آءِ جي سنڌ سميت وس وارن کي اپيل ڪئي ت پوليس خلاف قدم کڻي اسان سان انصاف ڪيو وڃي نہ ت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 11

لاکون روپين جي ماليت جو 1 مڻ 10 ڪلو چرس اسمگلنل ڪندي پڪڙي ورتو، گرفتار جوابدار خلاف شاھپور چاڪر ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري چڏي، ھوڏانھن ايس ايس پي سانگھڙ بشير احمد بروھي پاران منشيات فروشن خلاف بھترين ڪارڪردگي تي سي آئي اي انچارج جاويد احمد جلباڻي ۽ سندس ٽيم جي حوصلا افزائي ڪندي شاباس ڏني ۽ انعام ڏيڻ جو اعلان ڪندي چيو ت منشيات فروش پلي ڪيڏو بہ طاقت ور ڇو نہ ھجي سانگھڙ ضلعي ۾ بچي نہ سگھندو، منشيات خلاف جيڪا جنگ جوٽري آھي اھا جنگ جاري رھندي.

بقايا سنڌيار 12

ٻاھر نڪرڻ کان پاسو ڪري چڏيو گھرن اندر محدود رھيا گرمي جي وڌي وڃڻ سبب شھري روڊن تان غائب ٿي ويا عيد جي خريداري لاءِ شام ڏي پھر ٻاھر نڪري بازارن جو رخ ڪري ورتو آھي

بقايا سنڌيار 13

خورن کان 57 ھزار روپيا پيا ڏنڊ وصول ڪيو ويو تفصيل موجب اسسٽنٽ ڪمشنرتعلقي لطيف آباد شائستہ منور جبين مختيارڪار مجيب الرحمان نندواڻي،اسسٽنٽ مختيارڪار اسدالله جوڻيجو ۽ پرائيس انسپيڪٽر عابد ناھيون سان گڏ مختلف مارڪيٽن جو دورو ڪري اتي مقرر ڪيل اگھن جي خلاف ورزي تي 5 منافعي خورن کان 5ھزار رپيا ڏنڊ وصول ڪيو. اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقي سٽي احمد مرتضيٰ مختيارڪار علي شير بدراڻي ۽ پرائيس انسپيڪٽرنويد احمدشيخ سان گڏ مختلف مارڪيٽن جو دورو ڪري مقرر ڪيل اگھن جي خلاف ورزي تي 6منافعي خورن کان 50ھزار رپيا ڏنڊ وصول ڪيو. اھڙي طرح اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقي ڀھراڙي حتف سيال مختيارڪار عمران شبير کوکر ۽ پرائيس انسپيڪٽررياض احمد ميمڻ سان گڏ 2 منافعي خورن کان 2 ھزار رپيا ڏنڊ وصول ڪيو. ٻئي پاسي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد فواد غفار سومرو جي خاص ھدايت تي چئني تعلقن ۾ جاري بچت بازارن ۾ ماڻھو وڏي انگ ۾ سستي ۽ معياري عام واھپي وارين شيون مارڪيٽ کان گھٽ اگھن تي خريد ڪري رھيا آھن

بقايا سنڌيار 14

القرآن جي سلسلي ۾ 24 ھين رمضان شريف جي رات جو مرحوم حاجي ڪنير جي مسجد ميمڻ محلہ سيوھڻ ۾ ھڪ عظيم عاليشان جلسو منعقد ڪيو ويو جلسو ھر سال جيان ھن سال ب حاجي غلام النبي لاڪو محمد قاسم لاڪو، يارمحمدلاڪو، خالد حسين لاڪو ۽ مظفر حسين لاڪو جن جلسي جو اھتمام ڪيو جلسي ۾ ڪيترن قرآن جي حافظن مولوي صاحبان ب جلسي ۾ شرڪت ڪئي، جلسي کي سائين وڪيل احمد ڀڳھيو جيڪو ھن مسجد جو پيش امام پڻ آھي ان آيل حافظن مولوي صاحبان ۽ ٻين ڪيترن ماڻھن کي خطاب ڪيو ۽ خطاب ڪندي چيو ت رمضان شريف جو مھينو ڀلارو مھينو آھي رمضان شريف جو مھينو مھمان مھينو آھي الله تبارڪ و تعالي ھي مھينو مسلمانن کي ھڪ تحفو ڪري ڏنو آھي اسان مسلمانن کي گھرجي ت ھن مھيني ۾ اسان روزا رکون نماز پڙھون تراويح نماز ادا ڪيون ۽ پنھنجي ڪيل گناھن جي الله سائين کان معافي گھرون الله سائين معاف ڪرڻ وارو آھي ھن مھيني ۾ جيڪو انسان الله سائين کان معافي گھري ٿو ان کي الله سائين ان کي معاف ڪري چڏي ٿو انسان کي گھرجي ت ھن بابرڪت مھيني ۾ وڌ کان وڌ عبادت ڪري ۽ الله سائين کان ڪيل گناھن جي معافي جي طلب ڪري جڏھن جلسي جي آخر ۾ دعا گھري وئي جيڪا سائين عبدالحي چنہ جن گھري آيل سمورن مھمانن کي جلسي جي پڄاڻي تي لنگر پڻ ڪرايو ويو جڏھن ت ھن جلسي ڪرائڻ وارن مسجد کي رنگا رنگي بلبن ۽ جھالرن سان سجايو ويو ھئو جڏھن ت ميونسپل ڪاميٽي سيوھڻ جي صفائي انچارج ٻبي سولنگي پڻ مسجد جي ٻاھران گلين کي ٻھاري ڏياري ۽ چن وغيره پڻ ڪرائي ڏنو

بقايا سنڌيار 15

۾ مسجد نور مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي مھتمم استاد محمد صالح پنيروجي اڳواڻي ۾ فقير محمد امين پنيرو محمد مبين پنيرو عبدالڪريم پنيرو عبدالسلام پنيرو محمد عرس پنيرو الھڏنو پنيرو محمد شريف پنيرو محمد الرحيم پنيرو ۽ پنيرا برادري پاران ختم قرآن شريف جو پروگرام منعقد ڪيو ويو ڀلاري مھيني رمضان شريف دوران مسجد جي پيش امام قاري محمد حنيف پٽي تراويح جي نماز ۾ قرآن شريف جو ختمو مبارڪ پورو ڪيو انھيءَ حوالي سان منعقد ڪيل پروگرام ۾ نعت خوانن محمد اسماعيل جوڻيجو محمد صالح پنيرو داد جوڻيجو ۽ ٻين نعتون پڙھيون جڏھن تہ خصوصي خطاب چوٽياريون شريف جي ميان مبين رحمت الله عليہ جي مدرسي جي مھتمم نالي واري عالم دين حضرت مولانا مفتي عنايت الله ڪيريو سڪندري جن ڪيو پروگرام ۾ وڏي انگ ۾ ڳوٺ جاني جوڻيجو ڳوٺ سانگھڙاڙو شھر چوٽياريون ۽ ڀرپاسي جي عوام شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 16

اسڪولي ٻارن کي لائف اسڪل ۽ تحفظ بابت ٻارن کي آگاھي ڏني ۽ انھيءَ سان گڏ سامي فائونڊيشن جي پاران اسڪول جي ٻارن کي ذاتي صفائي جي حوالي سان ھائيجن ڪٽس ٻارن ۾ تقسيم ڪيون ويون جنھن جو مقصد ٻار صاف سٿرو رھي ۽ ھو پنھنجي اسڪول جي تعليم کي شوق سان جاري رکي سگھي ان سان گڏوگڏ ٻارن کي اسڪول جي ڏانھن ريگيولر اچڻ لاءِ آماده ڪرڻ پڻ ھڪ اھم مقصد رھيو سامي تنظيم جي اھڙي عمل کي ٻارن جي والدين ۽ اسڪول جي استادن ساراھيو انھيءَ موقعي تي ھيڊ ماستر استاد سجاد چانڊيو سينئر استاد سيد موڙ علي شاھ محمد عرس ڪيريو استاد سيد عاشق علي شاھ جان محمد راڄڙ عدل راڄڙ سيد رجب علي شاھ علي بخش جمالي سميت شھرين جو وڏو انگ موجود ھو

بقايا سنڌيار 17

(ڪمپلين سيل) ميان فياض رباني جو سنسني خز انڪشاف اڳوٽي رليف انسپيڪٽنگ جج ٿرپارڪر ڊائريڪٽر ھيومن رائيٽس پروٽيڪشن فورم پاڪستان ايڊووڪيٽ ھاءِ ڪورٽ ميان فياض رباني روھڙي پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالھائيندي چيو تہ سنڌ ۾ تازي طوفاني برساتن ۽ ٻوڏ جي تباھي ۽ ڪمرٽوڙ مھانگائي جي نتيجي ۾ ھن عيدالفطر تي ان علائقن جن ۾ برسات جو پاڻي اڃا تائين جمع آھي،اھڙن علائقن سان تعلق رکندڙ 20 لک کان وڌيڪ ماڻھو پنھنجي خاندانن سان گڏ بنا گھرن ۽ نون ڪپڙن ڪانسواءِ سادگي سان عيد ملھائيندا جيڪو اسان سڀني لاءِ ۽ ذميوار ادارن ۽ حڪومت لاءِ ھڪ وڏو ۽ افسوسناڪ سانحو آھي،حڪومت ۽ اپوزيشن ليڊر اليڪشن اليڪشن جي راند ۾ مصروف آھن.جڏھن تہ تازي برساتن سبب سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ تباھي ۽ ڪمر ٽوڙ مھانگائي کان بي خبر نظر اچي رھيا آھن،سڄي ملڪ ۾ ڪنھن بي قسم جو چيڪ اينڊ بيلنس جو ڪو بہ نظام ناھي رھيو.جڏھن تہ رمضان المبارڪ جي بابرڪت مھينو سڏيو ويو آھي.مگر افسوس تہ ملڪ مختلف مافيائن جي چنبي ۾ ڦاسي ويو آھي،واپارين ۽ منافع خورن بي ھن بابرڪت مھيني کي بي خوف ٿي ڪمائيءَ جو ذريعو بڻائي چڏيو آھي،ھن ھيومن رائيٽس پروٽيڪشن فورم پاڪستان جي پليٽ فارم تان، مخير حضرات ۽ جيڪا ملڪ جي رڍ جي ھڏي جي حيثيت رکڻ واري تاجر برادري کان مطالبو ڪيو آھي تہ ھن ڏکئي وقت ۾ ۽ عيدالفطرجي موقعي تي پنھنجي آس پاس جي متاثر علائقن جي مستحق ماڻھن ۽ غريب طبقي جو سھارو بڻجي انھن کي احساس محرومي کان بچائي انھن جي مالي مدد ڪرڻ ۾ پنھنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريو ڏکايل انسانيت جي خدمت ڪرڻ سان رب راضي ٿئي ٿو ۽ دل کي سڪون ملي ٿو

بقايا سنڌيار 18

احمد، ڪوثر سيال، عزرا جمال، صفيہ بلوچ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ 70 کان وڌيڪ اکين کان محروم مرد ۽ عورتن ۾ عيد جا تحفا ورھايا ويا، ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ ھر سال جيان ھن سال بہ اکين کان محروم ماڻھن ۾ عيد گفٽ ورھايا ويا آھن.

بقايا سنڌيار 19

عورت صغرا پٽو کي ٿاڻي تي آندو ويو جنھن جي فرياد تي سندس اڳوٽي مڙس خالد ۽ ڏير اعجاز پٽو تي ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ جوابدار خالد کي گرفتار ڪيو ان موقعي تي متاثر عورت صغريٰ پٽو ٻڌايو تہ ھن 5 سال اڳ پنھنجي والدين جي مرضيءَ سان خالد پٽو سان شادي ڪئي 3 اولاد بہ آھي منھنجي مڙس جي اڳ بہ شادي ٿيل ھئي جيڪا مونکان لڪائي وئي جڏھن مونکي خبر پئي تہ مڙس منھنجو جيئڻ حرام ڪري چڏيو تشدد جو نشانو بنائيندو رھيو مونکي طلاق ڏيڻ بعد مونکان 3 پٽ کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي اولاد جي خرچ لاءِ ملير ڪورٽ ۾ درخواست ڏني آھي گلشن حديد مان پنھنجي ٻارڙن سان گھر اچي رھي ھئس تہ مڙس خالد ۽ ڏير اعجاز پٽو رستي تي ئي روڪي تشدد جو نشانو بڻايو ھن چيو تہ مڙس منھنجي زندگي زھر ڪري چڏي آھي مون سان انصاف ڪيو وڃي پوليس جو چوڻ ھو تہ عورت تي بدترين تشدد ٿيل آھي جوابدارن سان ڪا رعايت نہ ٿيندي فرار ٿي ويل جوابدار اعجاز پٽو کي جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 20

موجب ڊپٽي ڪمشنراج اسسٽنٽ ڪمشنر پريا سٽي شاھد حسين سرڪي کي مقرر ڪري چڏيو. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو وقاص ملوڪ بيورو آف سپلائي جي عملدارن سان گڏ غلا منڊي پريا روڊ تي چاپو ھڻي مختلف گودامن ۾ رکيل 2 لک ڪلو کنڊ ھٿ ڪري گودامن کي سيل ڪري چڏيو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنرچيو تہ اسان کي اطلاع مليو ھو تہ پريا روڊ جي ڪيترن ئي گودامن ۾ ڪمند جو غير قانوني ذخيرو ڪيو ويو آھي. ۽ سنڌ حڪومت جي ھدايتن تي ڪارروائي ڪئي وئي آھي. ھن چيو تہ ضبط ڪيل کنڊ کي سرڪاري اگھہ تي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيو ويندو تہ جيئن کنڊ جي اگھہ تي ڪنٽرول ڪيو وڃي. ھن سموري واپاري برادري کي چتاءُ ڏنو تہ ھو ذخيرو ڪرڻ بند ڪن نہ ٻي صورت ۾ سندن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 21

نسل منشيات واپرائڻ سبب چوريون ڪرڻ لڳا شھرين طرفان رات جاڳي گذارڻ تي مجبور آھن. ان ڏس ۾ ھتان جي سياسي سماجي اڳواڻن جو چوڻ ھو تہ انتھائي افسوس جھڙي ڳالھ آھي تہ ڏوڪري جو ماضي تمام شاندار رھيو آھي ھتان جا نوجوان اعلي تعليم حاصل ڪري ملڪ جي مختلف ادارن ۾ پنھنجون خدمتون سرانجام ڏئي رھيا آھن، ليڪن افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ھن وقت ڏوڪري واسي پوليس جي بيحسي سبب اسان جو نوجوان نسل منشيات جھڙي لعنت ۾ مبتلا ٿي ويو آھي پر پوليس منشيات فروشن خلاف ڪو بہ ايڪشن نہ ٿي کڻي، منشيات واپرائڻ سبب نوجوان نسل چوريون ڪن ٿا جڏھن تہ ڏوڪري شھر مان ڪجھہ وقت اڳ گسٽا اڳواڻ ۽ چيمبر آف ڪامرس ڏوڪري جي عھديدار طفيل سوھو، صحافي عبدالجبار ميمڻ، شڪيل موريو، سيد چيزل شا، فقير محمد سومرو سميت مختلف شھرين جي گھرن ٽوڙي دوڪانن مان چوري ٿي وئي آھي جيڪا ھن وقت تائين ڏوڪري پوليس واپس نہ ٿي ڪرائي، جڏھن تہ پوليس جي رھائش گاھ پرسان پوليس جي سرپرستي ۾ سرعام جوا جا چار اڏا ھلي رھيا آھن پوليس ڪک پڇي ٻيٺو نہ ٿي ڪري، اسين ڊي آئي جي لاڙڪاڻو، ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون تہ خدارا ڏوڪري شھر مان پوليس جي سرپرستي ۾ ھلندڙ جوا جا چار اڏا فوري طور تي بند ڪرايا وڃن ۽ پوليس خلاف بنا دير ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڏوڪري شھر مان شھرين جون ٿيل چوريون واپس ڪرايون وڃن نہ تہ پوليس جي اھڙي عمل خلاف احتجاجي تحريڪ ھلائي ويندي. ھوڏانھن ڏوڪري پوليس جو چوڻ آھي تہ اسان مٿان الزام اجايا آھن.

بقايا سنڌيار 22

پاڻي پھچائيندڙ موٽر جون تاريو چوري پاڻي ھڪ ھفتي کان بند ڳوٺن ۾ ڪربلا جا منظر. رھواسي ٽانو ڪڻي پاڻي ڳولڻ تي مجبور انتظاميا کو تحرڪ نہ ورتو تفصيل موجب يونين ڪائونسل گڏاپ درساٽوچني جي علي نواز جوکيو ،رضامحمد جوکيو ڳوٺ ابراھيم جوکيو ڳوٺ سميت ڏيہ ڳوٺن کي پاڻي پھچائيندڙ واٽر سپلائي ۽ ڪوٽيرڙو جي چوڏھين ڳوٺن کي پاڻي پھچائيندڙ واٽر سپلائي جون تاريو چوري ٿيڻ سبب گذريل ھڪ ھفتي کان پيئڻ جي پاڻي جي سخت کوٽ پيدا ٿي ويئي آھي ھن ڀلاري مھيني ۾ سوين رھواسي متن تي ٽانو کٽي پاڻي ڳولھڻ تي مجبور آھن علائقي واسين سماجي اڳواڻ حاجي ظفر درس،فياض جوکيو ۽ ٻين ٻڌايو آھي تہ يوسي گڏاپ جي وڏي واٽر سپلائي رضا محمد جوکيو مان موٽر زريعي ڏيہ کان مٿي ڳوٺن ۽ يوسي ڪوٽيرڙو جي چوڏھين ڳوٺن کي پاڻي پھچائيندڙ موٽرن جي تاريو چوري ٿي وڃڻ سبب پاڻي بند ٿي ويو آھي علائقي ۾ ڪربلا جھڙا منظر آھن ان سلسلي ۾ ضلعي ڪاونسل ڪراچي جي انتظاميا کي آگاھي ڏني ويئي آھي پر ڪامورن جو تحرڪ نہ ورتو آھي ھنن مطالبو ڪيو تہ تارون جلد لڳائي ڳوٺن کي پاڻي مھيا ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ مجبور ٿي احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 23

آمد;تفصيل موجب جماعت اصلاح المسلمن پاڪستان جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل انجنيئر غلام محمد ميمڻ صوبائي سينيئر نائب صدر مولانا محمد اشرف جتوئي ۽ محمد اقبال سوھو مرڪزي جامعہ عربيہ غفاريہ درگاھ آباد شرف ڪنڊيارو سان مالي تعاون جي وصولي جي سلسلي ۾ دادو زون 1 جو تنظيمي دورو ڪيو. ضلع عھديداران ۽ سرپرست اعلي حضرت محبوب سڄڻ سائين مدظلہ العالي جن جي دادو جي خلفاء ڪرام سان ملاقات ڪئي دادو زون 1 جي فنانس سيڪريٽري برانچن کان زڪوات فطرا جي مد ۾ مليل تعاون صوبائي فنانس سيڪريٽري وٽ جمع ڪرايو ان موقعي تي انجنيئر غلام محمد ميمڻ طاھري چيو تہ جامعہ عربيہ غفاريہ پاڪستان جي تمام بھترين ۽ وڏن مدرسن ۾ شامل آھي جتي درس نظامي ۽ حفظ قرآن مجد جي تعليم ڏني ويندي آھي. آخر ۾ جمعيت علماءِ طاھريہ سنڌ جي اڳواڻ مولانا علي حسن لاشاري جي مرحومہ ھمشيره جي عذرخواھي ڪئي وئي ۽ سندس مغفرت بلندي درجات لاءِ دعا گھري وئي.

بقايا سنڌيار 24

ٿي ويا، شاگرد پريتم نڪر ٻڌايو تہ اٺون ايورگرين ھاسٽل ٻاھران بسڪيٽ وٺڻ لاءِ نڪتس تہ ٻاھر بيٺل ڪار سوارن مونکي سڏي ڪار ۾ ويھاري بعد منھنجي منھن تي ڪپڙو رکيو جنھن بعد اٺون بيھوش ٿي ويس، جنھن کان پوءِ ڪار سوار وڃڻو پوليس چيڪ پوسٽ پرسان ڊيپلو موڙ وٽ چڏي فرار ٿي ويا جتان ھوش اچڻ بعد 22 ميل موري پھتو آھيان، ھوڏانھن وڃڻو پوليس چوڪري جي اغوا کي ڊرامو قرار ڏيندي چيو تہ اسان چوڪري کي پنھنجي تحويل ۾ وٺي معاملي جي جاچ ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو آھي پوليس موجب تہ چوڪري کي امتحاني فيس لاءِ وارثن پاران پيسا ڏنا ويا ھئا جيڪي ڪپائڻ بعد ان اھو اغوا جو ڊرامو رچايو آھي،

بقايا سنڌيار 25

جناح روڊ، ڪاليج روڊ، جيل روڊ، پدعيدن روڊ، عمراڻي محلا، دھشتگردي ٽوڙ عدالت، ٽاٽي وارو پاسو پرائيويٽ ميڊيڪل سينٽر، گل ڪالوني، سول اسپتال وارو سڄو علائقو ھن لائين مين جي بادشاھي ھيٺ آھي، جيڪو بہ صارفين ميٽر تي بجلي ٻاري ٿو ان لاءِ ھي رڻ ٻاري ڏئي ٿو ھن سڄي علائقي ۾ غير قانوني ڪنيڪشنن جو چار وڇائي چڏيو آھي ايل ايم ارشاد ميمڻ بجلي چوري جا نوان طريقا ايجاد ڪندي بوگس ميٽر لڳائيندي ھر ھڪ ڪنيڪشن جو ريٽ 7000 ھزار کان 15000 ھزار مقرر ڪيا آھن وري پرائيوٽ ميڊيڪل سينٽر جن ۾ مائدا ميڊيڪل سينٽر، رابعہ ميڊيڪل سينٽر، شھزاد ميڊيڪل سينٽر، عبدالله ميڊيڪل سينٽر شامل آھن انھن کان 20000 کان 40000 ھزار روپيا وٺي ٿو، دڪاندان ۽ عام گھرن کان 5000 روپيا حاصل ڪري ٿو جن دڪانن ۽ گھرن جو تعداد ھزارن ۾ آھي، محترم لائين مين ارشاد ميمڻ جو ڪاليج روڊ تي اٿي جون چڪي کي ڪنيڪشن ڏيڻ سان گڏ ڪاليج روڊ تي ھڪ ھڪ گھر ۾ 7/7 ايسين ACجا ڪنيڪشن آھن ڊاڪٽر بدر جي گھر ۾ 4 ايسيون ACلڳل آھن في ايسي 5 کان 10 ھزار روپيا آھي ايس ڊي او اسد ميمڻ ھن کي حڪم ڏنو تہ علائقو سيڪيوئر ڪر پر ھي ڊمٽو ارشاد ميمڻ ايترو تہ چالاڪ آھي جو ايس ڊي او اسد ميمڻ کي لولي پاپ ڏئي بوگس ميٽر لڳائڻ وارو ھنر استعمال ڪندي ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري رھيو آھي باقي ڊمٽو ارشاد ميمڻ غريب عوام کي استعمال ڪرڻ کان پري رھڻ سان گڏ گرمي ۾ مرڻ جو مشورو ڏنو آھي اسان واپڊا جي ايس ڊي او، انجنيئر، سي او سميت لاڳاپيل ادارن کان گھر ٿا ڪيون تہ ايل ايم ارشاد ميمڻ کي ھٽائي سندس خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سندن خلاف احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 26

پٽو کي لائين حاضر ڪري چڏيو آھي، ايس ايس پي لاڙڪاڻو جي حڪم تي ون فائي بيس 2 وڏو منشي ساجد علي شيخ کي بيس 2 تي انچارج مقرر ڪري چڏيو آھي. ان موقعي تي صحافين سان ڳالھائيندي چيو تہ مان پنھنجي ڊيوٽي سرانجام ڏيندو آھيان پلي رات ھجي يا ڏينھن ھجي اسان جو فرض آھي عوام جي خدمت ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ

بقايا سنڌيار 27

پوي ٿو دڪاندار تفصيل موجب . سنڌ جو ٽيون نمبر وڏو شھر سکر ۾ عيد الفطرجي عيد ويجھو ايندي شھر سکر جي شاھي بازار۔ جيولرز بازار۔ مھراڻ مرڪز غريب آباد ۾ خريدارنجي رش سبب شھر جون بازارون ڀريل آھن دڪاندارن پاران مھانگائي جي ڪري ڪپڙن بوٽن توڙي ٻين شين جا اگھ من پسند وٺڻ لڳا مھانگائي جي ڪري اگھ ٻيٽا وٺڻ سبب غريب ھي عيد ڏکي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آھن وڌيڪ اگھ وٺڻ سبب دڪاندارن سان بحص ڪرڻو پوي ٿو پر ڪپڙا خريد ڪري ٻارڙن کي ڏيڻا ٿا پون خريدار بادل ھي عيد غريب عوام جي چيلھ ڀنجي چڏي ٿي وٺڻا ب ضرور آھن پھريان 2 ,کان چار وڳا وٺندا ھا سون ھاڻي ھڪ وڳو ب وٺڻ ڏکيو ٿو لڳي حافظ عرفان علي لوھر مھانگائي جي ڪري خريدار تمام گھٽ اچن ٿا جيڪڏھن اڳ ٻڌايون ٿا ت دڪان تان خاموش ٿي لھي وڃن ٿا دڪاندار اھڙي مھانگائي جي ڪري دڪاندار تڳڙي خريدار سخت پريشان ٿي ويا آھن پر عيد جون خريداريون ب عروج تي پھتيون آھن مھانگائي ڪيڏي ب ھجي عيد ڪرڻي آھي شھري عيد تي عورتن جي تمام رش ھوندي آھي عورتن خريداري ن ڪءِ ت چڻ عيد اڌوري آھي صبا انڙ وڌيڪ واڪا نيوز جي عيوضي سان ڳالھائيندي چيو ت ھن عيد تي چار وڳا آن لاءِ ن گھرايا آھن جڪي لاھور کان آيا ڪپڙو ناريون مرضي مطابق وٺنديون آھن جيڪڏھن ڪپڙا ھجن چوڙيون ميڪپ يا سينڊل ميچ ن ھوندا ت مزو نا ايندو شڪر آ سڀ شءِ ورتي آھي پلي مھانگي ھجي سال ۾ عيد اچي ٿو دل کولي عيد خريداري ڪري ۽ عيد جي خوشين ۾ شريڪ ٿي

بقايا سنڌيار 28

سياسي سماجي ڌرين پاران پوليس جي واکاڻ خبر موجب آئي جي سنڌ پاران منشيات خلاف جوڙيل ٽيم پاران ايس پي علينا راجپر سميت ايس ايڇ او شيخ پرڪيو آدم خشڪ جي گڏيل ڪاروائي دوران شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حد ڳوٺ سمباپاڻي ۾ منشيات مين پڙي جي اڏي تي چاپو ھڻي تيار ٿيل مين پڙي سميت مين پڙي ۾ استعمال ٿيندڙ سامان لڳ ڀڳ 39 بيگ ٻڌايا پيا وڃن جنھن جي ماليت لکين روپيا آھي جڏھن ت ڪاروائي دوران منشيات مين پڙي ٺاھي وڪرو ڪرڻ جي الزام ھيٺ محمد عمر ساند ۽حاڪم علي ساند کي گرفتار ڪيو ويو آھي جڏھن تي چاپي دوران نالي وارو اشتھاري شيخ پرڪيو پوليس کي منشيات جي ڪيسن ۾ گھربل جوابدار منشيات فروش نياز پتافي کي ايف آئي آر ۾ فرار ڏيکاريو ويو آھي، گرفتار جوابدار ۽ فرار جوابدارن تي سرڪار جي فرار تي شيخ پرڪيو ٿاڻي ۾ ايف آئي آر داخل ڪئي

بقايا سنڌيار 29

پيو , پوليس فوتي عورت جو لاش ۽ زخمي کي نواب شاھ اسپتال منتقل ڪري چڏيو آھي ,جڏھن پوليس ٽرڪ ۽ ڊرائيور کي تحويل ۾ وٺي چڏيو آھي

بقايا سنڌيار 30

ويو جنھن دوران پوليس پاران ٿاڻي گيھلپور جي مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون ويون ھٿيارٻندن جديد ھٿيارن سان پوليس تي راڪيٽ لانچر ۽ اينٽي ايئر گن گرافٽ جو استعمال ڪيو. جنھن جي نتيجي ۾ ٻہ پوليس اھلڪار ھده ڊومڪي ۽ صابر ڊومڪي شھيد ٿي ويا, جڏھن تہ ايس ايڇ او گل محمد مھر سميت 4 پوليس اھلڪار زخمي ٿي پيا آھن زخمين ۾ مصري جڪراڻي،شاھبيگ جڪراڻي،عبدالوھاب جڪراڻي شامل، شھيد پوليس اھلڪارن جا لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال پھچايو ويو،جتان زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ رحيم يار خان منتقل ڪيو ويو.جڏھن تہ پوليس جي وڏي نفري واقعي واري ھنڌ رواني ٿي وئي. پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جو سلسلو اڃا تائين جاري آھي.س

بقايا سنڌيار 31

لاڳاپيل ايم پي اي ۽ مھرگروپ جي سرواڻ علي گوھرخان مھر، ايم پي اي علي نواز خان عرف راجا خان مھر، اڳوٽي ضلعي چيئرمين حاجي خان مھر خلاف نوجوان فدا عباس شاھ جي اغوا جو داخل ڪيل ڪيس خارج ڪرڻ جو حڪم ڏئي چڏيو آھي گڏ ڪيل ڄاڻ موجب گھوٽڪي فرسٽ جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ ڄاڻايل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جنھن ۾ مھرگروپ جي طرفان وڪيل فيض مھر، جمشيد محمد اسماعيل مھر، ممتاز مھر ۽ ٻيا پيش ٿيا جڏھن ت فريادي ڌر پاران ايڊوڪيٽ قمبر علي شاھ ڪاظمي پڻ پيش ٿيو. ڪيس جي ٻڌڻي دوران گھوٽڪي پوليس رپورٽ پيش ڪندي ڄاڻايو تہ اھڙي قسم جو ڪو بہ واقعو پيش ناھي ٿيو. پوليس جي اھڙي رپورٽ بعد عدالت ڪيس سي ڪلاس ۾ خارج ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي چڏيو. ياد رھي ت گھوٽڪي جي وڪيل قمبر شاھ ڪاظمي پاران گھوٽڪي ٿاڻي تي پنھنجي پائٽي فدا عباس شاھ جي اغوا جي ايف آءِ آر مھرگروپ اڳواڻ ۽ جي ڊي اي، ايم پي اي علي گوھرمھر، ايم پي اي علي نواز عرف راجا خان مھر، اڳوٽي ضلعي چيئرمين حاجي خان مھر، سميت ويھ ڄڻن خلاف داخل ڪرائي ھئي، جنھن کي عدالت خارج ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي چڏيو، ھوڏانھن فرياد قمبر شاھ ڪاظمي پاران فيصلو سکرھائي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آھي

بقايا سنڌيار 32

جان جا ويري بڻجي ويا آھن جيڪي ھٿيار ڪٽي مارڻ لاءِ ڳولي رھيا آھن ھن چيو تہ ظالم مامن ۽ چاچن خلاف قدم کڻي اسان کي تحفظ فراھم ڪيو وڃي تہ جيئن سک جي زندگي گذاري سگھون.

بقايا سنڌيار 33

ڏاٿھيندي چيو تہ ڄاڻايل ڏينھن تي سليمان لنڊ گھر ۾ ستو پيو ھو تہ پوليس اچي ھن کي گھران گرفتار ڪيو ۽ گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ ٻاھر وڃي ھن کي گوليون ھڻي ماري چڏيو ۽ پوءِ انھي کي مقابلي جو رنگ ڏيئي چڏيو ھنن چيو تہ اگر سليمان لنڊ تي ڪو ڪيس داخل ھو تہ ھن کي گرفتار ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي ھا پر ايئن گھران گرفتار ڪري ۽ جڙتو مقابلو ڄاڻائي مارڻ ڪٿي جو انصاف آھي، ھنن وڌيڪ ڳالھائيندي چيو تہ اگر پوليس مقابلو ٿيو ھو تہ پوءِ ڪو پوليس وارو ڇو ڪونہ زخمي ٿيو ،ھنن چيو تہ پوليس ڪوبہ مقابلو ڪونہ ڪيو ھو پوليس اسان جي نوجوان کي گھران کڻي وڃي بيگناھ ماري چڏيو آھي، ھنن آئي جي سنڌ ،ڊي آئي جي حيدرآباد ، اعليٰ عدالتن توڙي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو تہ ھن معاملي جي جاچ ڪئي وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 34

مظاھري جي اڳواڻي ڪندڙ مبين بنداڻي مجيب الرحمان بنداڻي ۽ ٻين چيو ت ڇھ مھينا گذري چڪا آھن اسان جي علائقي کي بجلي سيپڪو عملدار نتا ڏين بجلي علائقي جي ڪاٽا ڪيءَ ويءِ آھي سڙي ويل ٽرانسفارمر جي تبديلي جي بھاني لاٽا وجن ٽا وري ھٽڻ لاءِ مھيان گذري وجن ٽا ھند چيو تہ اسان علائقي نءين ڳوٺ سان ظلم آھي الءِ ڪھڙي سياسي سزا ڏٽي پءِ وجي ھنن چيو ت تبديل ڪرڻ لاءِ لٽل ٽرانسفامر سب ڊويزن وڪرو ڪري چڏيا آھن اھي اتي موجود ناھين اسان کي روزانو دلاسا ڏين پيا ھن چيو ت اسان گھرن جي بجلي جا بل ب ادا ڪندا آھيون ڪوءِ ب اسان جو گھر ڊفالٽر ناھين پوءِ ب اسان جي بجلي بند آھي گرمي جي ڪري سخر پريشان آھيون اعلا اختياريون نوٽيس وٺي اسان جي بجلي بحال ڪري پريشاني ختم ڪءِ وڃي جيءَن اسان زندگي جون سھولتون حاصل ڪيون

بقايا سنڌيار 35

پنج ڪلاڪ مڪمل شٽر بند ھڙتال ڪري شاھي بازار خانواھڻ ۾ ريلي ڪيدي پريس ڪلب خانواھڻ اڳيان ڌرڻو ھنيو ويو جتي اڳواڻن سيد عاشق علي شاھ . محمد حسن ڪونڊر . جاويد احمد جوڳي . شوڪت چنڊ . محمد موسيٰ ڪونڊر . غلام مرتضيٰ ڳلال صحافين سان ڳالھائيندي چيو ت خانواھڻ ٿاڻي جي حد ۾ گذريل پندرنھن ڏينھن ۾ 20 کان مٿي چوريون ۽ ڦرون ٿي چڪيون آھن پر خانواھڻ پوليس سڪون جي گھري ننڊ ۾ ستل آھي ھن وقت تائين ڌ ئي ڪا چوري يا ڦر ٽيل واپس ڪونہ ٿي آھي ۽ ڌ ڪنھن جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آھي سياسي سماجي اڳواڻن وڌيڪ چيو ت خانواھڻ شھر ۽ ڀرپاسي مان بدامني ختم ڪري شھرين کي ڪاروبار ڪرڻ ڏنو وڃي نہ ت ٻي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس نوشھروفيروز اڳيان ڌرڻو ھنيو ويندو، ٻئي طرف ايس ايڇ او خانواھڻ سان رابطو ڪرڻ تي ان ٻڌايو ت نفري جي کوٽ سبب واقعا پيش اچن ٿا تمام جلد ڏوھن تي ڪنٽرول ڪيو ويندو